ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا

176



گهنشيام دودِيا 'ساگر'

اِشاعت جو چوهيتاليهون سال

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Mukesh Tilokani

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا-١٧٦

اِيڊيٽر: مڪيش تلوڪاڻي

في انڪ : ٦٠ رپيا
Price Rs. 60/=
Annual Subscription Rs. 200/=
Life Subscription Rs. 2000/=

Year-44 سال : ۴۴
Vol-176 اَنڪ : ١٧٦

ڀارت کان ٻاهر :
١٠٠ يو. ايس. ڊالر

(Oct - Dec. 2022)
آڪٽوبر - ڊسمبر ٢٠٢٢

ڇاپار : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205
Mobile:- 9081669122 E-mail: sindology@yahoo.com Website: www.sindhology.org



سلسلو:

آرتيءَ جو لاپ وٺندا آهن.

سوامي ليلاشاهه مهراج هِڪ سُويچار ۾ لکن ٿا ته:

ڪي پُڇن ٿا ته پاپ ڇاهي؟ پاپُ هڪ ڀُل آهي. ڀُل نه ٿئي ته ڏُک نه ملي. پاپ ڀل ۽ ڪمزوري آهي. ڏيءَ ڪهڙي به سندر هُجي ته به من ۾ پاپ نٿو اَچي.

من کي سمجهايو، سوچو ته سندرتا ڇا آهي. هڪ سهڻو گُلُ، اُن اَندر ڇا آهي؟ ماس، روڳ ۽ هڏا. دنيا ۾ گندي شئه ڏسڻي اَٿو ته شرير ڏسو. شرير سندر نه آهي، پر ٻُڌي (سمجهه) جي مهما بيشڪ آهي. باقي شرير ته گندو آهي. مُکَ کي قابوُ ڪندا؟ اَوهانجو لڪشيه آنند اَوهانکي تيسين ملندو ئي ڪين جيسين مَن کي اِستر نه ڪيو اَٿو.

اَهڙي نموني هر اِنسان لاءِ اِهو اَنمول سُويچار سمجهڻ ضروري آهي.

’جئه رام جي ڪي‘

توهان سيني ساهتڪارن- پاٺڪن کي سنڌالاجي پريوار طرفان، نئين سال جون ڪروڙ-ڪروڙ واڌايون ۽ شڀ ڪامنائون.

رچنا مخزن لاءِ اوهان پنهنجون لکيل اَڻ ڇپيل رچنائون ڇپڻ لاءِ جلد لکي موڪليندا.

رچنا مخزن لاءِ نئين سال جو چندو- ميمبر شپ ڀري، سنڌي ٻولي ساهتيه کي همٿائڻ، بچائڻ ۽ واڌاري لاءِ مدد روپ بڻجندا. ڪنهن سڄڻ کي پنهنجي دُڪان، آفيس، فرم، ڪمپنيءَ جو اشتهار مخزن ۾ ڇپرائڻو هجي ته طئه ڪيل ساليانى رقم ڀري ڇپرائي سگهو ٿا. مهرباني.

مڪيش تلوڪاڻي

Editor:
RACHNA Magazine,
INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY
P.o. Box - No. 10 (Ward- 4A)
ADIPUR (KUTCH) 370205.
Email: Sindlogy@yahoo.com PH: 9081669122

Published and Printed by Shri Sahib Bijani, Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology, Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch)-370205, Printed at Scan Computers Commercial Art Printers, 3, Radhyshyam Apartment, Naroda Road, Ahmedabad-382340
Editor: Mukesh Tilokani.

اَسانجي طرفان:



سوامي ليلاشاهہ

سوامي ليلارام ٽوپڻداس برهمرکتري، سنڌي سماج جو مهان تپسوي سنت، برهمچاري، برهم گياني، سماج شيوڪ، سڀ جو ڀلو چاهيندڙ، ڏيتي ليتيءَ جي ڪُرسمن جو وروڌي، سچ جي راهہ تي هلندڙ، ٻين کي هلائيندڙ، گئوُرڪشا ڪندڙ، نياڻين جو رکپال، هيڻن جو همراهہ هو.

اَهڙي سنت جو جنم ٢٥ مارچ ١٨٨٠ع ۾ مَحراب چانديي تعلقو ٽنڊو باگو سنڌ ۾ برهمکتري ڪُلُ ۾ ٿيو هو.

هُنُ ديش وديش ۾ پنهنجن پروچنن سان ماڻهن ۾ سجاڳي آندي. نشيدار پدارٿن کان پاسو ڪرڻ جي صلاح ڏني. هُن ڪيترائي ڌارمڪ ڪتاب ڇپرائي ساتوڪ ساهتيہ جو خوب پرچار ڪيو. پنهنجي جيون جو گهڻو وقت گجرات جي پالنپور، آديپور ۽ نئنيتال ۾ رهي يوگ تپسيا ڪري برهم گياني بڻيو.

هو ديش وديش، ڳوٺ- ڳوٺ ۾ پرچار ڪندو رهيو. ستسنگ ڪندو رهيو.

سائين هميشهہ کاديءَ جو اَڇو ڊگهو چوڳو پائيندو هو. کُلهي تي بوڇڻ، مٿي تي صافو ٻڌندو هو ۽ سيني کي ’جئہ رام رامجي کي‘ چوندو ۽ چوارائيندو هو.

سوامي ليلاشاهہ چرچو ڪندي چوندو هو. ”ليلي جي رَلي کُلهي تي، روڻي راڄ تي.“ سندس ديهانت ۴ نومبر ١٩٧٣ع ۾ پالنپور ۾ ٿيو. ليلا شاهہ جي سماڌي آديپور (ڪڇ) ۾ ٺاهي ويئي آهي، جتي اَڄ بہ هرسال ميلا، ساموهڪ شاديون- جڻيا سوامي ليلا شاهہ ٽرسٽ طرفان وڏي تعداد ۾ ڪرايا ويندا آهن. ٣ ڏينهن وڏو ميلو لڳندو آهي. جتي ديش وديش مان شرڌالو اَچي حاضر ٿيندا آهن.

عام طرح ستسنگي، شرڌالو، آشرم ۾ نِت نيم سان صبوح شام

١٩٩٩ ۾ اَگهنوتري پراڊڪشن (پونا) پاران تيار ڪرايل ناٽڪن جي ويڊيو فلم ۾ 'هِڪُ هو ڏاهري' ناٽڪ ۾ سهايڪ هدايتڪار طور ڪم ڪيائين.

١٩٧٧ ۾ اَحمدآباد مان شايع ٿيندڙ 'اِظهار' مخزن ۾ سمپادڪ طور ڪاريه.

آل اِنڊيا ريڊيو اَحمدآباد تان ڪيترا ئي ناٽڪ، ڪوتائون، ڪهاڻيون پيش ڪيل.

روزاني 'زندگي سماچار' اَخبار ۾ پڻ طنزي ڪالم 'ڪاڪو ڪلومل' جاري ڪيل.

'سنڌي اَحوال' هفتيوار ۾ 'رهنڊ' ڪالم ۾ ڪارٽون ٽوڙي ٻين اَخبارن ۾ ڪارٽون شايع ٿيل.

اَحمدآباد مان نڪرندڙ 'هندو' روزاني اخبار ۾ 'هر هنڌ زندگي آ' ڪالم ۾ مِني ڪهاڻيون شايع ڪيل.

سنڌي رائيٽرس گلڊ اَحمدآباد طرفان اَدبي ڪلاس ۾ سيڪريٽريءَ طور ڪاريه ڪيل.

٢٠٠٢ ۾ آل اِنڊيا ريڊيو اَحمدآباد طرفان راشٽريه سطح تي ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ 'سوڪڙي' ناٽڪ ٽيون نمبر اِنعام حاصل ڪيل.

٢٠٠٤-٢٠٠٥ ۾ راجستان اَڪادميءَ طرفان 'لاٽري لکن جي' ناٽڪ تي ٻيون نمبر اِنعام حاصل ڪيل.

٢٠٠٩ ۾ سنڌي رومن اِسڪرپٽ جي تخليق ڪري اِنٽرنيٽ تي Website www.sindhisagar.com جاري ڪيل.

١٩٩١ ۾ اِنڊين ڪائونسل آف ميڊيڪل ريسرچ ۽ آل اِنڊيا ريڊيو جي گڏيل پروجيڪٽ طرفان نشيدار شين تي ضابطو آڻيندڙ پوسٽر ڪامپيٽيشن ۾ راشٽريه سطح تي پهريون نمبر حاصل ڪندڙ.

گجرات سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ وياڳ ۾ سنڌي ڪتابن لاءِ آرٽ ڪاريه ۾ يوگدان.

واقفيت



چترڪار: گھنشيام موتيرام دوُديا ’ساگر‘

چترڪار ساھتيڪار گھنشيام ’ساگر‘ جو جنم ١٥ ڊسمبر ١٩٤٩ع ۾ ديولالي، مھاراشٽر ۾ ٿيو ھو. ڏنڌي روزگار جي خيال ڪان ڪجھ سالن بعد ھوُ پنھنجي پريوار سان اَحمدآباد ۾ اَچي ٺانئيڪو ٿيو.
ھُن شروعاتي پرائيمري تعليم اَحمدآباد مان پراپت ڪئي.ايم.اي. (فائين آرٽ) جي ڊگري سي.اين، وديالیہ - ڪاليج مان حاصل ڪئي.
نوڪري:-ايم.جي.ھاءِ اِسڪول اَحمدآباد ۾ ھن ڊرائينگ ۽ اَنگريزيءَ جي ٽيچر طور شيوائون ڏنيون.
کيس آرٽ ڪلا ۽ ساھتيہ رچڻ جو ننڍپڻ ڪان ئي گھڻو چاھہ رھيو. ھُن ڪيترن ئي ڪتابن جا سرورق ٺاھيا. چتر ۽ طنزي ڪارٽون بہ ٺاھي ڇپرائيندو رھيو.
ھُن صاحب اِنھن سرگرمين سان گڏ ڪيترا ئي ساھتيہ جا ڪتاب لکي ڇپرائي سنڌي ساھتيہ کي مالا مال ڪيو ۽ ساھتڪ سرگرمين سان بہ جڙيو رھيو. کيسُ ڪيترا مان سنمان حاصل ٿيا.

چترڪار: گهنشيام موتيرام دوديا ’ساگر‘ جون پينٽنگس



۱۹۹۱ع ۾ نئشنل ڪائونسل فار-سائنس ائنڊ ٽيڪنالاجي ڪميونيڪيشن ۽ آل اِنڊيا ريڊيو طرفان ڇپايل ’سائنس جا طريقا‘ آرٽسٽڪ پوسٽر ناهڻ جو ڪاريہ ڪيل.

۱۹۹۲ع ۾ اَحمدآباد دوردرشن تان ’لاٽري لڪن جي‘ ناٽڪ ٽيليڪاسٽ ٿيل.

اُڏاڻي پراڊڪشن اَحمدآباد طرفان تيار سنڌي فلمن ۾ ڊائلاگ ۽ اسڪرپٽ پلي لکيل .

۱. قرض ۲۰۱۱

۲. وردان (پهرين)۲۰۱٦

۳. نازڪ رشتو- ۲۰۱۹

اَهڙي ڀوڳٽي ڪلاڪار جو اوچتو ديهانت ۲۵ سيپٽمبر ۲۰۱۸ تي اَحمدآباد ۾ ٿيو.

ساهتڪ پونجي

۱- ڪلا جڳت	(چتر ڪلا)	۱۹۸۱
۲- سرد آ هون	(ڪوتا)	۱۹۸۲
۳- قولَ چمن جا	(ٻال ڪوتائون)	۱۹۸۲
۴- ذرڙا ذرڙا زندگي	(مني ڪهاڻيون)	۱۹۸٦
۵- ڪلا درشن	(چتر ڪلا)	۱۹۹۱
٦- عڪس اَڌورا	(ڪوتا)	۱۹۹۸
۷- ٽُڪرا ٽُڪرا رنگ منچ	(مني ڪهاڻيون)	۱۹۹۸
۸- سپن منجهہ موتي	(تنها)	۲۰۰٦
۹- ڦاروان	(جنرل)	۲۰۰۹
۱۰-چو آهين خاموش...!	(ڪوتا)	۲۰۱۱

غزل / ارجن چاولا



ھُت رہو چالبازي چٹرائي،
ھت تہ بس سادگي اَہوجھائي!

ڏُن ۾ پنھنجي تہ سُڌ رھي نہ مونکي،
ڪي چون ھي تہ آ ڪو سؤدائيِ!

سؤ سلامي اڳيان پنيان ھُن جي
مون سان ھمراہ بس اڪيلائيِ!

نياز نئڙت اسان جي فطرت آ،
پل ڪو سمجھي اسان جي ھيٺائي!

ھُن اڳيان تي پوان تو جڻ بيوس،
۽ لڪايان تو پنھنجي اَرڏائي!

خواب ۾ آيو، جيِ ڪري آيو،
ھُنَ وڏي مھرباني فرمائي!

باکَ ڦُٽندي ئي سوجھرو جاڳيو،
سِڄ ٻُڏي ويو تہ شامَ گھبرائيِ!

6/198, Street No. 1
Nai Basti, Aligarh-202001(U.P.)
Mob: 9759500081

غزل / ٻلديو ٻڌراڻي 'ديپ'



دل منھنجي ٻھلائڻ آيو،
يارُ وري ڀرمائڻ آيو.

پنھنجائپ جو ڍونگ رچائي،
دُشمن پيار جتائڻ آيو.

مون سمجھيو ھوُ آٿت ڏيندو،
يارُ مگر سَتائڻ آيو.

دل جو حالُ نہ چاتو يار،
ٻہ گھڙيون فقط گذارڻ آيو.

ڪلھ ڪلائڻ ڀُلجي ويا،
جيڪو آيو، رُئارڻ آيو.

بيماريءَ ۾ حال پُڇڻ لئہ،
ھرڪو رسم نڀائڻ آيو.

رُسي وياسين جڏھن اَسين،
ڪونہ ڪوئي پرچائڻ آيو.

جيون جي اُلجھن ڪي 'ديپ'
ڪونہ ڪوئي سُلجھائڻ آيو.

Bldg. No. 8, Flat No.124
Mira Co-op. Housing Society,
Shankarshet Road, Pune-411037
Mob: 9822519922

تنها / گھنشيام ساگر

(۱) ڪنڌھر ڀُري رَڱ ٿيا، ٻڍي نہ سيرت ريٽ.

(۲) مندر بس ڪورٽ ٻڌي، معافي ورتي چور.

(۳) عَجب ڪَشش پنھنجي مِٽي، ڏِسُ ممتا جي ڏور.

(۴) دانُ پيتي ڪُرفُ مَٿان، ڏِسُن شرڌا جو حَشرُ.

(۵) نار مَنجھان سيرت ڦُٽي، گُلَ مان ڄَڻُ سُرھاڻ.

(٦) لاتِ اَصُل تہ وجود آ، آڪيرو آڌار.

(۷) ڪاھيءَ ۾ آخر ڪِريو، اُپ جو ھي اِنسان.

(۸) گَرل بُواءِ فِرينڊ اَٿي، ڪاٺوُ واڌوُ جارُ.

(۹) مُرڪ نار جي نينڊ آ، ڪِلَ سيڪس جو راڳُ.

(۱۰) لِڪي رڙھي قانون سو، سياست جو غلامُ.

(۱۱) گُلُ نازڪ ڏاندي نرمُ، نار بہ نِجي نفيس.

(۱۲) ڪوڙا مُکوٽا پاليا، سِچ ڪان ڊجي نقابُ.



چؤسٽا

حال ڪنهن کان پڇُون، پڇُون بہ تہ ڇو؟
ڪنهن جي دک ۾ لڇون، لڇون بہ تہ ڇو؟
ڪير ڪنهن جي ٻڌي ٿو اڄ جڳ ۾؟
پاڻ وچ ۾ ڪُڇون، ڪڇون بہ تہ ڇو؟

اگر پيار ۾ سات چاهين ٿو ڪَنهنجو،
سچائيءَ سان سهيوگ ڏي تنهن کي پنهنجو،
ڏيڻ کان رکين وڌ وٺڻ جي تمنا،
سفر زندگيءَ جو ٿي پوندءِ پو اَهنجو.

لِکڻَ لاءِ لفظن جو ڀنڊار گُهرجي،
سدا ڪِلڪَ ڪاڳر بہ ٿو تيار گهرجي،
الائي ڪڏهن ڪو ڦُٽي خيال جو گُل،
وڏي ڳالهہ مالڪ مددگار گُهرجي.

بي وفا ساڻ پيار ناهي صحيح،
عشق بي اختيار ناهي صحيح،
تون چوين ٿوتہ اڄ ٻڌاياںءِ ٿو،
ڪو انڊو اعتبار ناهي صحيح.

اڃا بہ مُنهنجا شعر اڌورا،
لفظ نہ آهن تن لاءِ پورا،
اُڏان ڪلپنا جا پر پائي،
ڇئي نہ انيو سگهان سمورا.



غزل / ڍولڻ راهي

آءٌ دلبر تہ ڪنھن ڏينھن وھون چانھ تي،
ھال احوال اوريون ٻُڌون چانھ تي.

ڪيترا ڏينھن ٿي ويا مِلڻ ئي نہ ٿيو،
آءٌ فرصت ڪڍي اچ مِلون چانھ تي.

ڪي تہ تنھنجون بہ ھونديون ميارون ضرور،
دوُر ھڪ ٻئي جا شڪوہ ڪيون چانھ تي.

تيز رفتار سان وقت ڊُڪندو وڃي،
ڪيس ساھي پنڻ ڪُجھہ ڏيون چانھ تي.

عُمر جدوجھد، زندگي پيچ پيچان،
ڪي گھڙيون پاڻ لئہ پيي ڪڍون چانھ تي.

واچ ڏي ڌيان تنھنجو نہ منھنجو وڃي،
روح رُچنديون ڪندي اِئن ھُجون چانھ تي.

ڪال ھر وقت سيني جي پويان لڳل،
ڪجھہ تہ زندھہ دليءَ سان جيون چانھ تي.

ياد معصوم ٻچپن جواني ڪري،
پاڻ ۾ راھي روئون کلون چانھ تي.

6, Sawar House, Srinagar Road,
Ajmer - 305007
Mob: 9468868812

غزل/ناري لڇواڻي



روزي روٽي لاشن مان،
عِلمُ پراڻن ساڏن مان.
ڪپڙا پائي سينڌ ڪڍو،
خبر نہ ڦٽلي گهاون مان.

شهرُ سنڌ جو گهر گهر ۾،
’دادوُ‘ پاتن ڏاڏن مان.
ڪم ڪنن ڇُمي ۽ پاڪي،
سَڌَ پوري ڪن پاڇن مان.

هيٺ مٿي جو هڪ ئي مُلهہ،
سبق سکي وٺ ڏاڪن مان.
پيٽ پليل معصوُمن جا،
لوٽ ملن ٿا نالن مان.

پاڻُ لڙي پاڻُ سڳي سان،
ٻارن کي چڙ ڪاڪن مان.
ماهر اهڙا طلسم جا،
کير ڏُهن ٿا گابن مان.

محنت کي ئي پوُڄا سمجهي،
محل اَڏاين گاڏن مان.
ڇڏجن ڪئن، تنگ بہ آهيون،
يارن مان ڪجهہ ٻارن مان.

گهر جي ماني ٿوُڪاري،
ڍاپن ٿا بس ڍاپن مان،
اَمرت ملنڊ آنند پڻ،
سازن مان ۽ راڳن مان.

دان بہ ڪن ۽ پُڇ بہ ڪن،
پار پڄائيندن پاپن مان.

A- 31, New Bairagar
Bhopal-382340
Mob: 8989438294

هرشئہ کي هستي ڏيندي آ،
هر من کي مستي ڏيندي آ،
هستيءَ کي مستي ڏيندي آ،
مستيءَ کي هستي ڏيندي آ.

روشنيءَ کان ئي ڪا غمي وٺبي،
۽ انڌيرن کان ڪا خوشي وٺبي،
جي ملي نا سگهي ڪٿي محبت،
نفرتون وٺبيون دشمني وٺبي.

جڏهن انڌيرن ۾ ويندا سين،
تارا ٿي ٽمڪي پونداسين،
وقت اچڻ جي وات نهاري،
نيٺ اُجالو ٿي ايندا سين.

لُڙڪ کي دردن اڳيان ناحق وهائي ڇا ڪبو؟
يار جي ياڪي انهن لاءِ دل جلائي ڇا ڪبو؟
توُهہ وانگر ٻاهران سُهڻا مگر اندران ڪڙا
مطلبي، تن سان اجائي دل لڳائي ڇا ڪبو؟

ڪلهہ جا ماڻهو چنڊ مثل ها،
اڄ جا سورج جانِ ساڙن ٿا،
ڇا لاءِ ڪوئي عيسيٰ بڻجي،
لوڪ سچن سوُليءَ چاڙهن ٿا.

A-New, 14/134, Bairagarh,
BHOPAL- 462030
Mob: 07987036540

غزل / ڪي.ٽي دادلاڻي



مسڪراهٽ مني ڏسون وينا،
جئن هلائي اَوُنءَ هلون وينا.

ڳالهہ کھڙي ڪيون زماني جي،
روز طعنا گھڻا سَھون وينا.

هَلُ اُتي ئي جتي مِلي راحت،
پيرَ پنھنجا هتان ڪڍون وينا.

پيار ماڻڻ لڳي سُنو دل ڪي،
اُن جھان جو تہ در چُمون وينا.


اَڄ ملي ڪونہ ٿي سُٺي شئہ ڪا،
نوڙهہ خود جي فقط ڪنھون.

چال بازي رُڳو گھڻي هر هنڌ،
راهہ تي ئي بہ قدم وڌون وينا.

اَڄ ڪيون ڪو جتن بہ لاثاني،
چو جُتيءَ تي پٿر رکون وينا.

Comfort Greens
Karond- By Pass Road
Bhopal-M.P- 462038
Mob: 9425602076

غزل / هرشا مولچنداڻي



باهہ محفل ۾ لڳائي ڪوئي،
نظم منھنجو بہ ٻڌائي ڪوئي.

سونھن جو شوق تہ بيشڪ آهي،
سادگيءَ سان بہ نڀائي ڪوئي.

پَنَ سُڪلَ ڪُجھہ تہ ٿين ساوا اگر،
قُربَ جو مينھن وسائي ڪوئي.

هُنر بيڪار بہ ويندو ناهي،
لوهہ کي سون بڻائي ڪوئي.

ڪا شڪايت نہ گلا آ ڪنھن سان،
مان رسان اگر تہ ملائي ڪوئي.

شان سان ٿو جو آڪڙ ڏِيکاري،
ڪنڌُ هُنجو بہ جُھڪائي ڪوئي.

B-4, Lake Society Enclave
Nr. Lilashah Ashram
Fatak.Rd.
Bairagarh- Bhopal-462020
Mob: 9826687076



غزل/هوندراج بلواڻي

۱. هٽي ڏک سهڻ جون ڏين ٿا صلاحون،
صلاحون مڃڻ جون ڏين ٿا صلاحون.

۲- جيئڻ جو نه انداز جن کي اچي ٿو،
اُهي ئي جيئڻ جون ڏين ٿا صلاحون.

۳- مس مس ته جهنجهٽ مان ٻاهر اَچون ٿا،
وري منهن ڪٽڻ جون ڏين ٿا صلاحون.

۴- هلڻ وقت جن جا قدم لڙکڙائن،
تکي ڊوڙ پائڻ جون ڏين ٿا صلاحون.

۵- منزل جي ويجهو آ دنيا اسانجي،
رستا مٽڻ جون ڏين ٿا صلاحون.

٦- هلي آهي چوڏر لفظن جي آنڌي،
پنيءَ پر هلڻ جون ڏين ٿا صلاحون.

172, Maharathi Society
Sardar Nagar, Ahmedabad-382475
Mob:- 9998172854

ڪوتا/ناديا مسند



ڪنهن اَڻڄاتل تمنا ۾ گُمُ
نڪتس جڏهن گهران
مان نه هيس اڪيلي
ڪيترا ئي شخص مونسان
گڏ گڏ هليا
هڪ وجود ۾
ايترا شخص پوڪي
وجود منهنجو ترسي تو
پنهنجي پاڻ لاءِ
ورهين کان پنهنجي وجود سان
نه ملي آهيان ڪڏهن مان
ڇو جو هڪ شخص
منهنجي ذات جي
ڪوڻن ۾ صدين کان
ٽُٽل پلن جيان رهي تو
ڪڏهن گُمان
نه ڪڏهن اعتبار بڻجي

جي ڇهاءُ ملي هُنَ جو
نه راز محبت کلي
هڪ شخص منهنجي نهراءَ کي
وسعت ڏئي تو
مونکي مونکان ڏار ڪري تو
نظرن کان پري
جا ڏوڙ اُڏري تي
سا آهي مُنهنجي صدائن جي
مون پنهنجي اِنتظار ۾
حسرتن کي جمع ڪري
دل کي ٽڪائي ڇڏيو آ
پاڻ کي پاڻ کان جُدا ڪري ڇڏيو آ
مان ڪو وهم آن
خيال آهيان
يا ڪوئي خواب.

**"Kanha" 28, Scheme,
No.78/11, Vijay Nagar,
Indore- 452010**

ڪوتا / لعل هوتچنداڻي 'لاچار'



تو مان
محسوس ٿيندو آهي
تون مونکي چاهين ٿي
مون بہ پنهنجو پيار
دل اندر
دٻائي رکيو آهي
ڊپ لڳندو آهي ڪٿي
نوابن جيان
ڦرين تون... ڦرين تون جي
چڪر ۾
اسان ٻنهي جو پيار
سُواسن سان ٽڪرائي
سُسڪندو نہ رهي
ڪڏهن ڪڏهن
ويچار ايندو آهي
تو سان گڏجي
سِڪو مٿي اُڇلائي
اڪر پوري ڪيون
اڪر پوندو تہ
مان تنهنجي اڳيان
گوڏن ڀر ويهي

گلاب جو
تازو گُل ڏئي
مُشڪي چوندس
"I Love you"
پوري پوڻ تي
تون گلاب جي پنکڙين جيان
پنهنجا سنهڙا چپ کولي
مُشڪي چئج
"I Love you"
پر جيڪڏهن سِڪو
اُڀو ٿي بيهندو تہ
اسان ٻئي
چُپُ رهي
نظرون نظرن سان ملائي
پنهنجي پنهنجي پيار جو گونگو
اِظهار ڪنداسين.

B- 31, Apna nagar
Gandhidham-370201
Mob:- 9106631692

ڪهاڻي / امر گوپالاڻي



ٽرين ۾ هڪ رات

چندر کي ضروري ڪم سانگي احمداباد وڃڻو پيو. شانتي ايڪسپريس ۾ تتڪال ۾ ٿرڊ اي. سيءَ ۾ ٽڪيٽ ملي ويس ٻئي ڏينهن تي سليپر ڪلاس ۾ آر.اي.سي. ۾ ٽڪيٽ مليس. اُميد هيس ته ڪنفرم ٿي ويندي. سائيڊ لوئر برٿ ڪنفرم ٿيس. وڃڻ وقت ته ٽرين ۾ بسترو مليو هيس. موٽ لاءِ هڪ موٽي چادر، هڪ هلڪي مٺان پائڻ لاءِ هڪ ايئر پلو ساڻ کنيو هُئائين. لگيج وڏيڪ نه هيس.

شام جو ڇهه ڇورو ٿيو هيس. رات جي روٽيءَ جو پارسل نهرائي کنيو هُئائين. سائيڊ لوئر برٿ ٻن حصن کي ڳنڍي ٺهيل چيله ڇبي ڪرڻ واري. قداور جوان هو. پير به ڏگها نه ٿينس ها. جيئن تيئن رات ڪاٽڻي هُيس.

ٻڙودو اچڻ وارو هو. مٿئين برٿ وارو پنهنجي برٿ تي هليو ويو. چندر برٿ کولي چادر وڇائي ايئر پلو ۾ هوا پرڻ لڳو ته وهاڻي ۾ ليڪيج هيس. هڪ ٻي پريشاني روٽي کائڻ تي اَرواح نه پيو ٿئيس.

ٻڙودو آيو، چندر وينو رهيو. ٽرين چرڻ شروع ڪيو. هڪ ڇوڪري اُن ڪوچ ۾ چڙهي. ڪوچ ۾ نظر ڦيريائين، ڪيترين لائيٽ بند هيون. مطلب ياتري آرام ڪري رهيا هئا. هڪ هنڌ روشني نظر آيس. ڇوڪري اُن طرف وڌي. چندر جي پرسان پهچي بيهي رهي. چندر جو ڌيان ڇوڪريءَ طرف ويو. ملين چهرو ساڌارڻ سلوار ڪڙتي ۾. هٿين خالي، ڪوئي سامان ساڻ نه هيس. چندر سوالي نظرن سان ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو. ڇوڪري نظرون جهڪائي خاموش بيٺي رهي.



ڪوتا / نامديو لاڙلا

اوچتو ٻنهي جي ملاقات تي
هِڪ ٻئيءَ کان پڇيو
تون ڪير آهين؟
جواب ۾ هُن چيو
”مان وَحشت آهيان،
ڇا ڪندي آهين؟
مان هر ٻُڇڙي ڪم ۾
ڀرو وٺندي آهيان
معصوم نارين جي
عزت لُٽيندي آهيان
بي قصورن کي
بدنام ڪندي آهيان
حقدارن جا
حق کسيندي آهيان
جهالت جو جلوو
ڏيکاريندي آهيان
ظلم ۽ اَتياچار
منهنجي
سڃاڻپ آهي
بد اخلاقي ۽ اَسڀيہ
وهنوار ۾
مصروف هوندي آهيان
بد ڪلامي
منهنجي
خاص خوبي آهي.
ماڻهو مونکي
بد دُعائون ڏيندا آهن.
تڏهن وَحشت ٻئي کي چيو،
”ٻڌاء، تون ڪير آهين“
۽ ڇا ڪندي آهين؟“
مان
دَهشتگردي آهيان
ڌرم جي نالي تي
نفرت جو
ٻج پوکيندي آهيان
گنهگارن جو حوصلو
بُلند ڪندي آهيان
ماڻهن جي دلين ۾
خوف پيدا ڪري
ناجائز فائدو وٺندي آهيان
لوٽ مار،ٽوڙڦوڙ،پٿربازي
آگزني ۽ گوليبازي
منهنجي سڃاڻپ آهي
هٿيارن جو استعمال ڪري
جان وڃڻ ۽ ڪنڌ ڪپڻ
کان بہ
ڪين رهندي آهيان
مان
مجرمن جي
مدد ڪندي آهيان
خون خرابي جو
منظر ڏسي
مان ڏاڍو خوش ٿيندي آهيان
ماڻهن جو آهُن ۽ دانهُن
مونتي
ڪو بہ اثر نہ ڪنديون آهن.

O-103, 1st Floor, Pushkar Homes
Opp, Satkar Bunglows,
Nr, Krishna Park, Nana Chiloda Road
P.O. Kubernagar, Ahmedabad-382340

وهہ پي اسي اس ڪوچ سي اُتاريگا نهين.‘‘

’’مهرباني آپ ڪي.‘‘

ڪنڊڪٽر پڇيس- ’’نام ڪيا هئہ؟‘‘

ڇوڪريءَ چيس- ’’ڪِرن قيمتراءِ‘‘

ڪنڊڪٽر ٽڪيٽ ناهي، پئسا ونِي رسيد ڏئي هليو ويو. ڪرن چندر کي چيو- ’’مهرباني توهانجي مان توهانکي تڪليف نہ ڏيندس. هيٺ پٽ ۾ ويهي رات گذاريندس.‘‘ چندر چيس ڏسي وٺنداسين،پهريائين ٻڌاءِ تہ روٽي کاڌي اٿي؟

ڪرن چپ رهي، چندر چيس- ’’مطلب نہ کاڌي اٿي.‘‘

چندر روٽيءَ جو پارسل ڪڍي کولي ڪرن جي اڳيان رکيو. ڪرن چيس- ’’مونکي بک نہ آهي، توهان کائو.‘‘

چندر چيس- ’’بک تہ مونکي نہ هئي. نہ تہ ڪڏهن جو کائي ختم ڪريان ها، تون شروع ڪر.‘‘

’’توهان کائي مونکي بچائي ڏيو.‘‘

’’پهريائين مهمان‘‘

’’مان توهانجي مهمان آهيان؟‘‘

’’جيستائين مونسان ساڻ آهين، منهنجي مهمان آهين.‘‘

’’توهان منهنجو جوٺو کائيندا؟‘‘

’’هڪ سان کارائيندينءَ يا سڌو وات سان؟‘‘ منهنجو نالو چندر آهي. مونکي منهنجي نالي سان سَڏ.‘‘

ڪرن- ’’هڪ وينتي آهي.‘‘

’’ڇئہ؟‘‘

’’ٻئي گڏجي ٿا کائون. ڪرن پهريون گرهہ ٺاهي چندر جي وات ۾ وڌو. ٻنهين گڏجي کائڻ شروع ڪيو. چندر کي لڳو روٽي گهٽ ٿيندي گهر لاءِ ورتل ڦرساڻ (نمڪين) ۽ ڪيسر انب ڪڍي نمڪين پليٽ جي هڪ طرف پيتي رکيائين. انب هڪ ڪرن کي ڏنائين. هڪ

چندر پڇس ڪيڏانهن ويندينءَ؟ تنهنجي برٿ ڪهڙي آهي؟ سامان ڪٿي اٿي؟ ڇوڪريءَ ڪوئي جواب نہ ڏنو. اکين مان نير وهائيندي رهي. چندر اُٺي ٻانهن کان پڪڙي برٿ تي ويهاريس. جاليءَ مان بوتل ڪڍي ڍڪڻ هٽائي بوتل وات سان لڳايس. ڇوڪريءَ ٻہ ٽي ڍُڪَ ڀري ٽڏو ساهہ ڀري ڇيو- توهانجو پاڻي جوٺو ٿي ويو. ڪنڊڪٽر کي ٽڪيٽ چيڪنگ لاءِ ايندو ڏسي گهبرائي چيائين- ''مون وٽ ٽڪيٽ نہ آهي''.

چندر پُڇيس ''گهران ڀڄي نڪتي آهين؟'' ڇوڪريءَ چيس ''گهر وڃڻ لاءِ هڪ ڄار مان ڀڄي نڪتي آهيان.''

''ڪيڏانهن ويندينءَ؟''

''اندور''

''پئسا اٿي؟''

ڇوڪريءَ ڇاتيءَ وٽان پنج سؤ جو نوٽ ڪڍي چندر جي هٿ تي رکيو. چندر پڇيس ''ٽڪيٽ ڇو نہ ورتئہ؟''

''ٽرين هلڻ لڳي هئي. سامهون هيءَ ڪوچ آيو. هلندڙ ٽرين ۾ چڙهي پيس.''

ڪنڊڪٽر اَچي پُڇيو- ''ٽڪيٽ پليز؟''

چندر پهنجي ٽڪيٽ ڏيکاري. ڇوڪريءَ لاءِ چيائينس تہ ''يهہ لڙکي يهان بڙودا سي بئٺي هئہ. ٽرين چل پڙيتي ٽڪيٽ نهين لي پائي.'' کهان جائيگي؟

''اندور''

''ٽڪيٽ گانڊينگر سي اندور وٽ پينلٽي بنيگي، وهہ ڀي جنرل ڪوچ کي. گوڌرا ۾ اي.سي. جنرل ڪوچ ۾ جانا هوگا. ''مصيبت کي ماري غريب لڙکي هئہ. کڇ رعايت ڪيجيئي. اِسي اي.سي. ڪوچ ۾ رهني ديجيئي.'' ''آپ اگر اسي اپني سيٽ پربئنني دين تو مئن اِسي اُتارونگا نهين. رتلام سي دوسرا ڪنڊ ڪٽر آئيگا، اُسي سي کهدونگا،

پوچي، برتن صاف ڪرڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، پريس ڪرڻ سان ڪيائين. مان سڀ ڪندي رهيس. هڪ ڏينهن ماسي سنان تي وئي هئي. ماسات ڪيڏانهن نڪري ويو هو. ماسڙ مون وٽ اچي چيو ''پٽ ڪرن پڳواني پنهنجي سوارٿ لاءِ توکي هتي وٺي آئي آهي. پاڳو ڪُلڇٽو آهي. نشي پتي جي عادت اٿس. هڪ ڏينهن پاڳوءَ گهر ۾ ڪم واريءَ ڇوڪريءَ جي عزت ۾ هٿ وڌو. ڇوڪري چلائي پڇي نڪتي. ڏاڍي بدنامي ٿي. هاڻي اسانجي گهر ۾ ڪائي ڇوڪري ته ڇا ڪائي مائي به ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. پڳوانيءَ جا سنڌ سُڪل آهن. توکي بنا پگهار جي نوڪرياڻي بڻائي وٺي آئي آهي. ڪميني پاڳوءَ جو پرو سو ناهي. ڪنهن ڏينهن تنهنجي عزت لٽي.''

''ماسڙ جي ڳالهه ٻڌي مان ڏڪي ويس. چيومانس ''ماسڙ، مان واپس وڃڻ ٿي چاهيان''.

''وڃڻ نه ڏيندءِ هتان پڇي نڪرڻو پوندءِ.''

''رات جو شانتي ايڪسپريس اندور ويندي آهي. هي وٺ پنج سئه، سنڀالي رک. هي ۵۰ روپيه آٽو لاءِ. مان رات جو ماسيءَ کي ڳالهين ۾ اُلجهائي رکندس. تون موقعو ڏسي خالي هٿين کسڪي وڃجانءِ.

ديوتا سروپ ماسڙ جي مهربانيءَ سان ۽ توهانجي مهربانيءَ سان اڄ صحيح سلامت واپس گهر وڃي رهي آهيان.''

''ڪرن حوصلو رک، رات ڪانپوءِ صبوح ايندو آهي.''

''چندربابو، اسان غريبن جي زندگيءَ جي سياح رات جو سويرو اچڻو ناهي. جب غم ڪا انڌيرا گهر آئي، سمجهو ڪ سويرا دور نهين.''

هر رات ڪا هئه پيغام يهي، تاري يي يهي دهراتي هئه.

''هاڻي ٻُڌ، توکي پٽ ۾ ويهڻ نه ڏيندس. اڌ برٿ ۾ نه توکي آرام ملندو نه مونکي. انڪري چار ڪلاڪ تون سمهه، انڪانپوءِ مان سمهندس.''

خود ڪنيائين. رسوئي ڪائي چندر واش بيسن تي وڃي هٿ وات ڌوئي صاف ڪري آيو. ڪرن پڇس-”پاڻي نہ پيتو؟“ چندر چيس-”مان دير سان پاڻي پيئندو آهيان. تون پلي پيءُ. گلاس نہ آهي، بوتل وات سان لڳاءِ، سنڪوچ نہ ڪر.“

ڪرن رسوئي ڪائي اُٿي. ويسٽ ڪٽي ڪوچ جي ڊسٽبين ۾ وجهي هٿ ڌوئي گُرڙي ڪري هٿ وات ڊُپٽي سان اُگهيو. واپس سيٽ تي اچي ٿورو پاڻي پي بوتل جاليءَ ۾ ٽنگيائين.

چندر چيس- ”هاڻي شروع ٿي وڃ.“

”ڇا شروع ٿي وڃان؟“

”پنهنجي آپ بيتي ٻڌاءِ.“

ڪرن ڪجهہ دير خاموش رهي. ٿڌو ساهہ پري ٻڌائڻ شروع ڪيائين. اَسان گهر ۾ ڪُل چار ڀاتي آهيون. منهنجو پيءُ قيمتراءِ، ماءُ ڪانتا، ڀاءُ پچنءِ مان هاڻي سندس دوست بجرنگي سڏيندا آهن.

چندر- ”بجرنگ دل ۾ شامل ٿيو هوندو؟“

”شايد اسانجا وڏا پنهنجي مال ملڪيت سان گڏ پنهنجي قسمت بہ سنڌ ۾ ڇڏي آيا. منهنجو ڏاڏو مُنهنجي پيءُ کي ورثي ۾ ٻن ڪمرن جو گهر دوارڪاپريءَ ۾ ڏئي ويو، هڪ گهٽيءَ ۾، جتي دادا ڪراني جو دڪان هلائيندو آهي. ڪنهن نموني ۾ زندگي بسر ڪري رهيا آهيون. ڀاءُ ٢٧ سالن جو ٿي ويو آهي. اڃا شادي نہ ٿي اٿس. مجاز گرم ٿي ويو اٿس. هفتو اڳ منهنجي ماسي اندور آئي هئي. مميءَ کي چيائين هتي ڪرن جو ڪُجهہ نہ ٿيندو. جهڙو حال پچن جو ٿيو آهي، ڪرن جو بہ ٿيندو. مان پاڻسان گڏ ٻڙودي وٺي ٿي وڃانس. اُتي سيڪاري قابل ڪندي مانس، اُتي اسانجو ناموس آهي. رشتو بہ سنو جڙي ويندس.“

”مان نہ پئي وڃڻ چاهيان. ماسي مميءَ تي زور پري مونکي ٻڙودي وٺي وئي. ٻئي ڏينهن تي مونکي سيکارڻ جي شروعات جهاڙو

چار ٿيا هئا. سوچيائين هاڻي ڪرن کي اُٿاري ڪجهه دير آرام ڪري وٺي. ڏيري سان ڪرن جا پير لاهي برٿ تي رکيائين. اُٿي ڪرن جي سراهڻي ويو. ڪرن گهريءَ ننڊ ۾ غلطان هئي. ڪرن کي ننڊ مان اُٿارڻ ٺيڪ نہ لڳس. بوتل کڻي پاڻيءَ جا ٻہ ٽي ڍُڪ پيري ٽوائليٽ مان ٿي آيو. سائيڊ ۾ ويهي رهيو. ٽرين رتلام مان اڳتي وڌي چڪي هئي. ناگدا بہ نڪري چڪو هو. اُجين اچڻ وارو هو. ٽرين اُجين جي پليٽ فارم تي رُڪي. هيٺ لهي چانهہ وٺي پيتائين. سستي دور ٿي ويس. واپس وچي سيٽ تي ٽڪيو. آرام سان ويهڻ جي جڳهہ نہ هيس. ٽرين اُجين کان رواني ٿي اڳتي وڌي. ڪرن ننڊ ۾ پاڻي گهريو. چندر اُٿي بوتل کڻي ڍڪڻ لاهي رکيو. ڪرن جو مٿو مٿي ڪري بوتل ڪرن جي وات سان لڳائي پاڻي پيئندي ٿورو پاڻي هارجي ڪرن جي ڳچيءَ کان ٿيندو ڇاتيءَ تائين پهچي ويس. ڪرن چرڪ ڀري اُٿي ويئي. چندر بوتل هٽائي ڍڪڻ لڳائي بوتل جاليءَ ۾ رکي.

ڪرن چيو- ”اڃو هاڻي توهان اچي سمهو، مان ويهي ٿي رهان.“

چندر مسڪرائي چيس- ”ديواس اچڻ واري آهي. ڪلاڪ سوا ۾ اندور اچي ويندو.“

”توهان مونکي اُٿاريو ڇو نہ؟“

”مونکي بہ ننڊ اچي وئي هئي. اُجين ۾ اک کلي.“

”ڪلاڪ کن ليٽي پئو. ڪجهه تہ آرام ٿيندو.“

”هاڻي آرام گهر وڃي ڪندس.“

”مان ڪلاڪ پيو بہ سمهان؟“

”ڀلي سمهہ.“

”هيءُ ٿيلهو هٽايو ڪنڌ ڏکي ٿو. ڪجهه دير توهانجي گود ۾ مٿو رکي سمهندس.“

چندر اُٿيو، ٿيلهو کڻي ھُڪ ۾ ٽنگيائين پاڻ ڪرن جي سيرانديءَ کان ويهي رهيو. ڪرن چندر جي گود ۾ مٿو رکي ٽنگون

”پهريائين توهان آرام ڪيو.“
”في الحال مونکي ننڊ نٿي اَچي. پهريائين تون آرام ڪر.“
”منهنجي ننڊ نہ ڪلي تہ؟“
”مان توکي اُٿاريندس.“
”پڪ؟“
”پڪ“

چندر جهولي مان بُرش پيسٽ، پيپر سوپ ۽ نيپڪن ڪڍي ٻئي طرف جي جاليءَ ۾ رکيو. ٿيلهي مان هڪ ٻي چادر ڪڍي ٿيلهو بند ڪري مٿن ڪان رکي ڪرن کي ليٽڻ لاءِ چيائين. مٿان چادر وڌائينس. خود ٻئي طرف ويهي رهيو. ليٽڻ سان ئي ڪرن کي ننڊ اچي وئي.

چندر ڪرن جي باري ۾ سوچيندو رهيو. ڪرن ننڊ ۾ پير پسارڻ شروع ڪيا. پير چندر سان ٽڪرائڻ لڳا. چندر ڍيري سان ڪرن جا پير پنهنجي گود ۾ رکيا. ٽرين جي دريءَ مان چنڊ جي روشني اچي ڪرن جي چهري تي پهچي رهي هئي. ملين چهري جي باوجود ڪرن جي چهري ۾ ڪشش هئي. چندر سوچڻ لڳو ڪاش! ڪرن جو چهرو خوشيءَ جي ماڪ ڦڙن سان ڌوپجي اُجلو ٿي وڃي تہ چهري ۾ نکار اچي وڃيس پوءِ شايد چاهيندي بہ ڪرن جي چهري تان نظر هٽائي نہ سگهجي.

ڪرن سڪون جي ننڊ ڪري رهي هئي. ڪجهہ دير بعد چندر ڪرن جي چهري تان نظر هٽائي ڇڏي. ڪرن جي مدد ڪري دل کي سڪون ملي رهيو هوس.

گوڏرا ايندي چندر جهپڪيون ڪائڻ لڳو. دريءَ کي ٽيڪ لڳائي اکيون ٻوٽي ڇڏيائين. ٽرين پنهنجي رفتار سان هلندي رهي.

دير رات جو چندر جي ننڊ کُلي. واچ ۾ وقت ڏٺائين. رات جا

ڪرن پريپئبد آٽو ۾ دوارڪاپريءَ رواني ٿي وئي. چندر پنهنجي گهر روانو ٿيو. گهر پهچي ڪال بيل وڄائي. دروازو ماڻس کوليو. ماءُ کي پيري پئي چيائين ”ٽرين ۾ ننڊ نہ آئي آهي. مان وڃي آرام ڪندس. مونکي اُٿار جو نہ. چندر روم ۾ وڃي بستري داخل ٿيو. ليٽڻ سان ننڊ اچي ويس.

دير سان ننڊ کليس. سنان ڪري تيار ٿي هال ۾ ويو. رسوئي کائي دڪان تي روانو ٿي ويو.

ڪرن هٿين خالي گهر پهتي تہ ماڻس ڏسي حيران ٿي وئي. کيس پاڪر پائي ڇاتيءَ سان لڳائي وڃي اندر ويهاري ڇهري ڏانهن نهارڻ لڳس. ڪرن سموري آپ بيتي ٻڌائي. اِهو ٻڌي ڪانتا جي اکين مان جهر جهر نير وهڻ لڳو. اکيون اُگهي چيائين. ”هٽ منهن ڏوهُ،مان چانهہ ٺاهي ٿي اچان.“

ڪرن چيس- ”مان چانهہ پي آئي آهيان. ننڊ بہ پوري ٿي آهي. مان سنان تي ٿي وڃان، ليڪن بدلائڻ لاءِ ڪپڙا ناهن.“

ڪانتا چيس- ”اڄ منهنجو وڳو ئي پاءِ. پڻهين اُٿي تہ چوانس ٿي بہ ٽي وڳا وٺي ڏينديءَ.“

ڪجهہ وقت گذريو، هِڪُ مائٽين وارو ڪرن جو رشتو کڻي آيو. قيمتراءِ چڱي خاطر داري ڪيس. کائي پاڻي پي وڃ واري قيمتراءِ کان پڇيو، ”ڌي وٽ ڇا ڪنديءَ؟“ ايترو چئي چانهہ جو ڪوپ کڻي وات سان لڳايائين. پڇن غصي ۾ پرچي چانهہ جي ڪوپ کي تيز ڏنس. گرم چانهہ جا ڇنڊا منهن تي پيس. منهن جلڻ لڳس. ڪوپ رکي ڌوتيءَ جي پلو سان منهن اُگهي پڇن ڏانهن گهوري نهاري چيائينس”بدتميز ڇوڪرا، تو پنهنجي پيڻ جي تقدير کي ٺوڪر ماري آ. جنهن گهر ۾ تو جهڙو نالائق ڇوڪرو ٿو رهي، اُن گهر ۾ ڪوئي بہ شريف ماڻهو رشتو جوڙڻ نہ چاهيندو.“

ايترو چئي مراريلعل ٻاهر نڪري ويو. قيمتراءِ پڇن کي

ڦهلائي ليٽي. اڪيون بوٽي ڇڏيائين.

چندر ڪرن جي چهري ڏانهن نهاريندو رهيو. ديواس ڪراس تي وئي. چندر ڪُڪ مان ٿيلهو لاهي، ڪرن جو مٿو گود مان مٿي ڪري اُتي ٿيلهو ڪنڌ هيٺان رکيس. نيپڪن، برش، پيسٽ ڪڍي واش بيسن تي وڃي برش ڪري منهن ڌوئي آيو. برش پيسٽ نيپڪن رکي پيپر سوپ ڪڍي ٽوائليٽ وڃي تي آيو. لڇمي ٻائي نگر آيو. ڪرن کي چيائين، ”اُٿ اندور اچڻ وارو آهي.“

ڪرن اڌ ڪليل السايل اکين سان چيو ”ايترو جلدي اندور اچي ويو؟“

ڪرن اُٿي ويٺي. چندر ڏانهن نهاري چيائين ”ڪاش! ٽرين هلندي رهي، رستو کُٽي ئي نہ.“

چندر پيسٽ برش نيپڪن ڏئي چيس ”وڃ، منهن ڌوئي آءُ.“

ڪرن منهن ڌوئڻ وئي. چندر چادرون ويڙهي ٿيلهي ۾ رکيون. ڪرن جي اچڻ تي بُرش پيسٽ نيپڪن ٿيلهي ۾ رکي ٿيلهو بند ڪري رکيائين. اندور اچڻ تي ٽرين مان لهي، پليٽفارم کان ٻاهر نڪتا. سامهون چانهہ جي ٿيلهي تي وڃي چانهہ پيتائون.

چندر پڇيس- ”گهر ڪيئن ويندينءَ؟“

ڪرن چيس- ”بس اسٽاپ ويجهو آهي. ۹ نمبر بس دوارڪاپريءَ تائين ويندي آهي. پر اجان وقت نہ ٿيو اٿس.“

”مان پريپئڊ آٽو ڪرائي ٿو ڏيانءِ. گهر پهچي رسيد ڏجانس.“

”توهانجا ٽورا ڪيئن لاهي سگهندس؟“

”ٽورا جڏهن گهڻا ٿي وڃن، تڏهن لاهڻ جي سوچجانءِ.“

”وري ڪڏهن ملڻ ٿيندو؟“

”ضروري آ ملڻ؟“

”وري ڪڏهن توهانجي سهاري جي ضرورت پئجي سگهيتي.“

”دنيا ننڍڙي آهي. ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪٿي نہ ڪٿي ملاقات ٿي ويندي.“

چندر پڇن کي بائيڪ تي ويهاري بائيڪ موڙي تيز رفتار سان دوارڪاپريءَ ڏانهن وڃڻ لڳو. پڇن کان گهر جو پتو پڇي بائيڪ اچي پڇن جي گهر وٽ روڪيائين. دروازو کڙڪائڻ تي ڪرن اچي دروازو کوليو. چندر ڪرن کي ڏسي ڇرڪ پريو. ڪرن جو ڌيان گهايل پاءُ طرف هو. چندر پڇن کي سهارو ڏئي اندر وٺي ويو. ڪرن چندر کي ڏسي حيران ٿي. سوچڻ لڳي هڪ هيو اُپڪار.

چندر ڪرن جي مدد سان پڇن کي وڃي بستري تي ليٽايو. ڪرن کي چيائين سرنهن جي تيل ۾ هيڊ وجهي زخم صفا ڪري ليپ لڳائيس. ڪير هئڊ ملائي گرم ڪري پيئاريس. اي. ٽي ايس جي انجيڪشن لڳندس. مان وٺي ٿو اچان.

ڪرن جي وات مان نڪري ويو ”ڪير.“

چندر سمجهي ويو ته گهر ۾ ڪير به نه اٿس. ڪرن کي چيائين ”تون پرسان ويهي رهيس. مان ميڊيڪل اسٽور تان گهربل سامان وٺي ٿو اچان.“

ايترو چئي چندر ميڊيڪل اسٽور تي وڃي گهربل سڀ سامان ۽ دوائون ورتيون. هڪ اسٽور تان ڪير جي ٿيلهي به ورتائين. چندر واپس پڇن وٽ پهتو. ڪير جي ٿيلهي ڪرن کي ڏئي چيائينس ٿورو گرم پاڻي ڪٽي اچ. ڪرن پاڻي ڪٽي آئي. اُنهي ڊٽال ملائي ڪپهه سان سڀ زخم صفا ڪيائينس. سوفرامائيسن لڳائي ڪپهه رکي جتي پٽي ٻڌڻي هيس ٻڌائينس. ڊريسنگ ڪري هٿ صفا ڪري انجيڪشن تيار ڪري اسپرٽ ۾ ڪپهه ٻوڙي نچوڙي ٻانهن تي ملي انجيڪشن لڳايائينس. پاڻيءَ سان اينٽي بايٽڪ ۽ پئن ڪلر گوريون کارايائينس. ڪرن هيڊ وارو ڪير ڪٽي آئي اچي پيارِيائينس.

چندر ڪرن کي چيو ”جيستائين زخم پوريءَ طرح ٺيڪ نه ٿئيس، گهر کان ٻاهر نه وڃڻ ڏجوس. هلان ٿو.“

ڪرن چيس- ”چانهه رکي آئي آهيان، پي وڃو.“ پاءُ کي

ڏڪاريندي چيو ”ان حرڪت جو مطلب؟“
پڇن هڏيءَ مان چيس- ڏيتي ليتي ڏيڻ لاءِ آتو ڪجهه؟ گهر وڪڻندا يا دڪان؟ ”پلي گهر وڪڻو پوي يا دڪان. نياڻيءَ کي گهر ۾ ته نه ويهاري رکندس. تومان ته ڪجهه اُميد آسرو ناهي.“
پڇن پير پٽڪيندو گهر کان ٻاهر نڪري ويو.
هڪ ڏينهن پڇن مهوناڪي کان لنگهي رهيو هو. مزاريءَ جي پڇن تي نظر پئجي وئي. بي عزتيءَ جو بدلو چڪائڻ لاءِ دماغ ۾ حرفت سجهيس. پڇن جي نظر بچائي هڪ نوجوان جٽ کي چيائين ”هن ڪافر کي ڏسين ٿو؟“ اِشارو پڇن ڏانهن هيس.
جٽ پڇيس- ”چو ڇاهي.“ ”هن هڪ مزار اڳيان پيشاب ڪيو هو. دماغ کان ڪوري جٽ ضروري نه سمجهيو ته پڇيس ته ڪهڙي مزار؟ ڪٿي جي مزار؟ تيش ۾ پرجي وڃي پڇن جو گريبان پڪڙيائين. پڇن هٿ هٽائي غصي مان پڇائينس ”ڇا هي ڙي؟“
جٽ وري ڪالر پڪڙي چيس ”تو مزار جي اڳيان پيشاب ڪري بي ادبي ڪئي آهي.“ پڇن هڪ ٿڦ وهائي ڪڍيس. جٽ جون وايون بتال ٿي ويون. جيب مان رامپري چاقو ڪڍي ڪتڪو ڏيکاريائين. پڇن ڪلائيءَ تي پنچ ماريس. چاقو وڃي پري ڪريو. پڇن لتن ٺونشن سان مرمت ڪرڻ لڳي ويس. هڪ مومن کي مار کائيندو ڏسي ڪجهه مسلمان مڙي آيا. لڳا پڇن کي ڪُٽڻ. ڪجهه هندو پڇن جي مدد لاءِ آيا. ٿنهين ڏرين ۾ مارڪٽ شروع ٿي وئي. ڪنهن ۱۰۰ نمبر تي فون ڪري مهو ناڪي وٽ هندو مسلم جهڳڙي جي خبر ڏني چندر اُتان لنگهي رهيو هو. جهڳڙو ڏسي رُڪجي ويو.
ٿوري دير ۾ پوليس گاڏيءَ جي سائرن جو آواز گونجيو. پوليس کي ايندو ڏسي سڀ ٽڙي پکڙي ويا. پڇن پڇندو چندر وٽ آيو، چيائيس مونکي دوارڪاپريءَ منهنجي گهر ڇڏ. پوليس پڪڙيو ته جان ڇڏائڻ مشڪل ٿي ويندي.

اچا ڪائڻ شروع نہ ڪيو هيائون. چندر ٻيءُ کي مخاطب ٿي چيو، ”ڏئڊي توهان اجازت ڏيو تہ مان پنهنجي پسند جي ڇوڪري سان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان.“

”واهہ پٽ! ڇوڪري پسند ڪئي اَٿئي. اُنسان شادي ڪرڻ چاهين ۽ منظوري اسانکان وٺڻ ٿو چاهين؟“

ڏئڊي وجهہ آهي.“ ”اجازت وٺڻ جي کهڙي وجهہ آهي؟“

”ڪرن نهايت غريب گهر جي ڇوڪري آهي.“ ”پٽ، منهنجي نظر ۾ غريب ڪوئي عيب ناهي. مون خود غريبيءَ کي ڀوڳيو آهي غريبيءَ جا ڏنگ سنا آهن. هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ، تون ڇوڪريءَ تي ترس کائي تہ اُنسان شادي ڪرڻ نٿو چاهين؟.“

”نہ ڊئڊي“

”ڪرن سان ڪڏهن کان سڃاڻپ اٿئي؟ ڪٿي مليا هُئا؟“

”ڊئڊي، مان جڏهن احمداباد کان اندور اچي رهيو هيس، تڏهن ٻڙودي ۾ ٽرين هلڻ وقت ڪرن مون واري ڪوچ ۾ آئي هئي. هٿين خالي، بنا ٽڪيٽ جي. اُنوقت مون سندس مدد ڪئي هئي.“

چمپا- ”اوهہ! تہ ڪرن جي ڪري ننڊ ڦٽي هيئہ، گهر اچي گهوڙا وڪڻي سمهيو هئين.“ چندر ورندي نہ ڏني. چنديرام پڇيس- ”تہ ٽرين ۾ ئي ڪرن سان نينهن جو ناتو جڙيو هيئہ؟“ ”نہ ڊئڊي، نہ مون ڪرن کان ڏس پتو پڇيو هو. نہ ئي پنهنجو ڏنو هيومانس انڪانپوءِ اچ اتفاق سان ڪرن سان سندس گهر ملاقات ٿي هئي. ڪرن جي پاءُ کي جهيڙي ۾ چڱا ڏڪ لڳا هئا. مون وٽ اچي چيائين- پليز مونکي دوارڪاپريءَ منهنجي گهر ڇڏ. مان ڪيس سندس گهر وٺي ويس. اُتي ڪرن سان ملاقات ٿي. پڇڻ سندس پاءُ هو. سندس گهر جي حالت ڏسي ميڊيڪل اسٽور تي وڃي ضروري دوائون انجيڪشن وٺي آيس. سندس زخم صفا ڪري ڊريسنگ ڪئي مانس. اي ٽي ايس جي انجيڪشن هئين مانس. اينٽي بايوٽڪس ۽ پئن ڪلر گوري وٺائي

چيائين ”تون آرام ڪر، مان اچان ٿي.“ ڪرن چندر کي وٺي وچي هال ۾ ويهاريو. رنڌڻي ۾ وڃي هڪ پليٽ ۾ بسڪوٽ ۽ پاڻيءَ جو گلاس کڻي اچي چندر اڳيان رکي چيائين، ”توهان پاڻي پيئو، مان چانهه کڻي ٿي اچان.“ ڪرن ٻن ڪوپن ۾ چانهه کڻي آئي هڪ ڪوپ چندر کي ڏئي ٻيو پاڻ کنيائين. چندر ڏانهن نهاري چيائين” توهانجو اُپڪار ڪيئن لاهي سگهنديس؟“

چندر چيس- ”ڪوئي اُپڪار ناهي، تون وري ملڻ پئي چاهين نه؟ بس ملڻ جو بهانو ٿي ويو.“

”توهان ملڻ نٿي چاهيو؟“

”ڇا ملي ڪريان ها؟“

”ڇا مان ايتري بري آهيان، جو توهانکي مونسان ملڻ به گوارا ناهي؟“

”ڪرن تون انمول آهين، تڏهن ته ٽرين ۾ سڄي رات تنهنجي چرنن ۾ ويهي گذاري.“ ”توهان شرمندو ڪري رهيا آهيو.“

”ڪرن جلدئي تنهنجي جيون ۾ سورج چمڪندو. سورج جي تپت ته ساڙي ڇڏيندي.“ ”ڪرن کي ته چندر جي شيتلتا گهرجي.“

چندر ڪرن جي اکين ۾ نهاريو. ڪرن جي اکين ۾ التجا هئي. آرزو هئي ۽ هئي آس اُميد. چندر چانهه پي ڪوپ رکي ڪرن جو مکڙو هٿن ۾ جهلي پلڪ نهاريندو رهيو. ڪرن کي چيائين ”مان چاهيندس، ڪرن اچي اسانجي گهر کي روشن ڪري.“

ڪرن پنهنجا چپ چندر جي هٿ تي رکيا. چندر ڪڏهن ڪرن جي چپن کي ڪڏهن پنهنجي هٿ کي ڏسڻ لڳو. ڪرن جي مکڙي تان هٿ هٽائي چيائينس ”هلانئو.“

ڪرن چيس- ”هاڻي ته گهر ڏسي ڇڏيوَ وري ڪڏهن ايندا؟“

”ڪوشش ڪندس، اچڻ وڃڻ جو چڪر ئي ختم ٿي وڃي.“

ايترو چئي چندر ٻاهر نڪري ويو. ڪرن ويندو ڏسندي رهيس.

رات جو چنديرام چمپا ۽ چندر ڊائننگ ٽيبل تي ويٺا هئا.

خود ڪنيو. چانهه سپ ڪري چيائين - چندو تون بلڪل نه بدليو آهين.''
''شڪر آ جو نه بدليو آهيان.'' چانهه پي ڪوپ رکي چيائين. ''رات جو ۹ لڳي تو وٽ. هاٽي هلانٿو. ۽ ها گهر وڃڻ وقت هڪ ناريل ۽ مصريءَ جو ڳنڍو کڻي وڃجانءِ ضرورت پوندي.''

چنديرام جي وڃڻ ڪانپوءِ قيمتراءِ ڀڏتر ۾ پئجي ويو. سوچڻ لڳو چاهي چندوءَ جي من ۾؟ ڪجهه کولي ٻڌائي نه ويو. رشتو جوڙڻ تو چاهي؟ ڪنهن سان؟ پڇن سان؟ پڇن سان جوڙڻ چاهي ته ناريل مصريءَ لاءِ مونکي چو چوي ها؟ ته ڇا پنهنجي پُٽ جو ڪرن سان؟ هي رام اگر ائين آهي ته مان ته ڌرم سنڪٽ ۾ پئجي ويندس. ڪرن جو لڳائُ مدد ڪرڻ واري چو ڪري سان ٿيڻ لڳو آهي. اگر چندوءَ کي منع ڪندس ته دوستيءَ ۾ فرق پئجي ويندو. ها ڪندس ته ڪرن جي دل ڏکي ٿيندي.

گرونانڪ جي مورتيءَ ڏانهن نهاري هٿ جوڙي چيائين ''گرو بابا، تون سهاءِ ٿجانءِ. مهر ڪجانءِ ٻاجهه ڪجانءِ.''

قيمتراءِ جو ان ڀڏتر ۾ گراهڪيءَ ۾ به من نه پيو لڳي. ڪوئي گراهڪ ڪجهه گهريس پيو ته چويس پيو ڇا چيئه؟ ڇا گهرجئي؟ جيئن تيئن شام تائين وقت ڪاٽيائين. شام جو دڪان منگل ڪيائين. ياد آيس ته ناريل ۽ مصريءَ جو سنگ کڻي وڃڻو آهي. دڪان کولي ناريل مصري کڻي دڪان منگل ڪيائين. سبزيءَ جي دڪان تي وڃي پالڪ ۽ بيهه ورتائين. گهر وڃي گهرواريءَ کي چيائين رات هڪ پراڻي دوست جي روٽي آهي. ٽي چار ڄڻا ايندا. پالڪ پُلاءُ ٺاهجانءِ، بيهه ڀافي فراءِ ڪجانءِ ۽ پڪوڙا تر جانءِ. سامان ڪانتا کي ڏئي پاڻ ڪمري ۾ وڃي چنتا مگن ويهي رهيو.

شام جو چنديرام گهر فون ڪري زال کي چيو ''رات جو روٽي نه ڪجانءِ ٻاهر آهي.'' چنديرام شام جو ائين لڳي گهر اچي ويو. چندر ساڏي ائين لڳي آيو. چندر کي چيائين جلد تيار ٿي، ٻاهر هلڻو

مانس.''
''تون اِهو ڪمپائونڊر جو ڪم ڪيئن سکين؟'' ''منهنجو هڪ دوست ڪمپائونڊر آهي. اُنکي ڏسي سکي ويس. ڪرن مونکي چانهہ پي وجڻ جي منت ڪئي مان رُڪجي پيس. مونکي ڪرن سان وقت گذارڻ جو وقت مليو. مون ڪرن کي قريب سان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو، ڪرن منهنجي بهترين همسفر بڻجي سگهيتي.'' ''ڪرن جي پيءُ جو ڪانٽيڪٽ نمبر؟''
''ڊئڊي، نہ گهر ۾ فون اٿن، نہ موبائيل.
''ڪرن جي پيءُ جو نالو قيمتراءِ آهي. دوارڪاپريءَ ۾ ڪراني جي گهٽيءَ ۾ دڪان اٿس.'' ''قيمت؟ ڇڱو هاڻي شانتيءَ سان روٽي کائو مان رشتي تي غور ڪندس.''
چمپا رسوئي پروسي ڏيندي وئي. پنهنجي لاءِ بہ پروسيائين. ٽيئي شانتيءَ سان کائڻ لڳا. ٻئي ڏينهن تي چنديرام اسڪوٽر تي دوارڪاپريءَ روانو ٿيو. پتو ڪري اسڪوٽر وڃي قيمتراءِ جي گهٽيءَ وٽ روڪيائين. چنديرام کي ڏسي قيمتراءِ چيس-''چندو تون؟ اچانڪ هتي ڪيئن؟''
''قيمت، اڄ مان تنهنجي گهر ڌاڪو هڻڻ آيو آهيان.''
''مون مسڪين وٽ رکيوئي ڇا آهي؟''
''سو تہ تنهنجي گهر هلي خبر پوندي.'' ''هل تہ هلون.''
''هاڻي نہ، رات تنهنجي گهر سگهرو ايندس. رات جي روٽي تون وٽ کائبي. روٽي سنڌي هجي پٽا چانور، پالڪ، بيهہ ۽ پڪوڙا.
''ڍڪ پرڻ سان ڇا کائيندين؟''
''توکي خبر تہ آهي، اسين پيئڻ وقت کن ڪچرو نہ کائيندا آهيون. پاپڙ ئي کائيندا آهيون هاڻي جلدي بہ ڪٽنگ چانهہ گهراءِ تہ گڏجي پيئون.''
قيمتراءِ اِشاري سان چانهہ گهرائي هڪ گلاس چنديرام کي ڏئي،ٻيو

جو رشتو وڃي سسُ سان نياءِ.“ ڪرن چنديرام کي هٿ جوڙي نمستي ڪئي چمپا کي وڃي پيري پئي. چمپا پنهنجي ڳچي ڳلي مان هار لاهي ڪرن جي ڳلي ۾ پاتو. خوشيءَ مان ڪانتا جون اکيون سجل ٿي ويون.

چنديرام قيمتراءِ کي چيو- ”قيمت، هاڻي ڏي وٺ جي ڳالهه ٻولهه ٿي وڃي.“ قيمتراءِ ڇرڪ ڀري چنديرام کي ڏسڻ لڳو.

چنديرام چيس دستور ته نڀاهڻو پوندو. ’تون‘ لفظ قيمتراءِ جي ڳلي ۾ اٽڪي پيا. سڀ حيرت مان چنديرام کي ڏسڻ لڳا. چنديرام خلاصو ڪندي چيو- ”مونکي ڏاجي ۾ تنهنجي پٽ جي ٻانهن گهرجي.“

قيمتراءِ جي جان ۾ جان آئي. سيني سامت جو ساهه کنيو. قيمتراءِ شڪايت ڪندي چيس- ”چندو تون ڀرياڻين ٽينشن ڏيندو آهين پوءِ ڳالهه جو خلاصو ڪندو آهين. هاڻي ٻڌاءِ ته تون ٻچن جو ڇاڪندين؟“

”قيمت، اسين ڏنڌوڙي سڄو ڏيان پئسا ڪمائڻ ۾ لڳايون. بار ڇٽڻ ۾ ڪنجوسي ٿا ڪريون. ڏنڌي ۾ مني پاور سان گڏ مين پاور جي به ضرورت پوندي آهي. پونجي سيڙائڻ به هڪ مسئلو ٿي پيو آهي. بئنڪون رقم تي فقط پنج ساڍا پنج سيڪڙو وياج ٿيون ڏين. پرائيويٽ مارڪيٽ ۾ ١٢ سيڪڙو وياج ملي ٿو. پر رقم سوٽي جي گئرنٽي ناهي. ماڻهن جي نيت ۾ کوٽ اچي وئي آهي. پرائي پئسي سان عيش ٿا ڪن. قرض موٽائڻ جي چنتا نٿا ڪن. چنتا قرض ڏيڻ واري کي ڪرڻي ٿي پوي.“

”سو ته ٺيڪ، پر اُنسان ٻچن جو کهڙو واسطو؟“ ”مان ٻچن کي پاڻ وٽ رکي ڏنڌي جي ٽريننگ ڏيندس. ڪم سکڻ جي دوران ١٠ هزار روپيه مهنو ڏيندومانس.“ ”ڏاڍو چالاڪ آهين، اڻ سڌيءَ طرح اسانجي مدد ڪرڻ ٿو چاهين؟“

”قيمت، ڏاڍو اُبهرو آهين. پوري ڳالهه ته ٻڌ، ڪَمُ سکي وڃڻ ڪانپوءِ الڳ سان شو روم کولائي ڏيندومانس. سيڙپ عيوض اسانجي

آهي. چندر جي اچڻ تي گهر کي تالو لڳائي نيئي ٻاهر ڪار وٽ آيا. چنديرام ۽ چمپا ڪار ۾ پٺئين سيٽ تي ويٺا. ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي چندر پيءُ کان پڇو ”ڪيڏانهن هلڻو آهي؟.“

چنديرام چيس- ”هوا بنگلو طرف.“ چندر ڪار اڳتي وڌائي. دوارڪاپري اچڻ تي چنديرام چيس- ڪار اندر قيمتراءِ جي گهر وٽ هلي روڪ.

چمپا ٽوڪيس- ”تنهنجو دوست هيڏي سڄي جڳهه تي رهندو آهي؟“ چنديرام چيس- ”هتي ڪيترا ماناڻتا انسان ٿا رهن. ايمان ڪرڻ ٺيڪ ناهي.“ چندر سمجهي ويو تہ ڪرن جي گهر وڃي رهيا آهن. حيراني ٿيس تہ پڻس نہ فقط ترت فيصلو ڪيو هو. پر اُنتي عمل بہ ڪيو هيائين.

چندر ڪار قيمتراءِ جي گهر وٽ روڪي. ڪار مان لهي وڃي در کڙڪايائين. قيمتراءِ کيڪاري گهر اندر وٺي وين. چمپا گهر ۽ گهر جي ٻاتين کي ڏسڻ لڳي. ڪانتا بہ تنهين آيل مهمانن کي حيرت مان ڏسڻ لڳي. ڪرن چندر کي ماءُ پيءُ سان گڏ آيل ڏسي ٽڙي پئي. چهرو ٻهڪڻ لڳس. قيمتراءِ کي چندر ٺاهوڪو لڳو. پر سوچڻ لڳو ڪرن راضي ٿيندي. سڀ نهي ٽڪي ويٺا. چنديرام قيمتراءِ کي چيو- ”ڪنهن فارملٽيءَ جي ضرورت ناهي. سڌو روٽي کائبي. پهريائين ناريل مصري آڻي چندر کي ڏي.“ قيمتراءِ ڪرن ڏانهن نهاريو. ڪرن مسڪرائي اکيون جهڪائي ڇڏيون. قيمتراءِ سامت جو ساهہ کنيو. زال کي اشارو ڪيائين ڪانتا وڃي سائي ٽوال ۾ ويڙهي ناريل مصري ڪڍي آئي. ٽوال اچي چندر کي ڏنو. چندر ٽوال اکين سان لڳائي، ٽوال ماءُ کي ڏنو. ماءُ پيءُ قيمتراءِ ۽ ڪانتا کي پيري پيو. ڪرن بہ اُٿي چنديرام ڏانهن وڌي. چنديرام اِشاري سان روڪي چيس- ”ٻڌ پٽ، تون منهنجي دوست جي ڌيءَ آهين. رشتو جڙڻ کانپوءِ بہ دوستيءَ جو رشتو قائم رهندو. اسان نياڻيءَ کي پيري پوڻ نہ ڏيندا آهيون. تون نونهن

ڪهاڻي / پريا وڇاڻي



وڻشيا جو رشتو

مُمبئي، جيڪا نہ رڳو مشهور آهي پنهنجي سمنڊ، آزاد خياليءَ، بوليوڊ، شيئر بازار جي لاءِ، پر ڪَمائي پُورا ۽ ڊانس بار جي ڪري پڻ ممبئيءَ جا رهواسي هجن يا ٻاهران آيل، ممبئيءَ جي اُنهن علائقن ۾ وڃڻ جو خواب هر مرد جي دل ۾ هوندو آهي. ڪنهن جو اُهو خواب پورو ٿيندو آهي تہ ڪنهن جو نہ بہ ٿيندو آهي. پر جيئن ممبئيءَ ۾ ڪمائي پورا مشهور آهي، تيئن ئي ڪمائي پورا ۾ مشهور آهي شينو. سُهڻي صورت، ڀريل جسم،جڻ انگ فرصت ۾ ويهي ٺاهيل هجيس.

هونءَ تہ شينوُ پنهنجي حسن لاءِ گهڻي مشهور هئي، پر اڄڪلهہ جنهن ڳالهہ لاءِ پڻ مشهور ٿي رهي هئي. اُها آهي يوگيش سان ڳانڍاپو. پنج سال اڳ جڏهن يوگيش پهريون ڀيرو شينوءَ جي ڪوٺي تي پهچي وڏي ادب سان پڇيو ''اندر اچي سگهان ٿو؟''

شينو هن جي ائين ادب سان پڇڻ تي وائڙي ٿي وئي، شايد پهريون ڀيرو هو جو ڪنهن اَيتري اَدب سان پُڇيو هجي، نہ تہ گهڻو ڪري مرد سڌو اندر گهڙي ايندا هئا. ''اچو اچو سرڪار! توهان جي خدمت لاءِ ئي ويٺا آهيون'' شينوءَ يوگيش ڪي دل سان ڀليڪار ڪئي هُئي.

يوگيش هڪ دفعو جو شينوءَ جي ڪوٺي تي ويو، تہ اُهو وڃڻ

پتي چار آنا، ۱۲ آنا پچن جي. ان ۾ منهنجو ٻٽو فائدو ٿيندو. هڪ ته منهنجي پونجي سيف ٿي ويندي، ٻيو هڪ سيڪڙي کان وڌيڪ وياج پلئه پوندو. پچن آهي ڪٿي گهرائينس ته سهي.''

ڪرن وڃي پچن کي سڏي آئي. پچن اچي چنديرام ۽ چمپا کي پيري پيو. چنديرام پرسان وهاري مٿي تي هٿ ڦيري طبيعت لاءِ پڇيس پچن چيس'' بهتر آهي.

چنديران قيمتراءِ کي چيو ''هاڻي جلد رسوئي گهراءِ.''

قيمت راءِ چيس- ''هل پهريائين ڏُک ته پريون.'' ''ٻرنڪ رهڻ ڏي، روٽي ئي ٿا کائون.'' ''چندو اسين نشي لاءِ نه پيئندا آهيون. ٻرنڪ اسانجي روٽيءَ جو حصو آهي. ٻيا سڀ رسوئي کائن اسين ٻئي پوءِ ٿا کائون.''

رسوئي تيار هئي. ڪانتا ۽ ڪرن پروسي ڏيندي وين. سيني کائڻ شروع ڪئي. چندر ڪرن کي ٻه پاڻ سان گڏ ويهاريو. ٻنهين دوستن ٻه ٻه پيگ پيتا. پوءِ اچي ماني کاڌائون.

موڪلائڻ وقت چنديرام ۱۰ هزار پچن کي ڏيئي. پنهنجو ڪارڊ ڏيئي ''چيائينس- هيءُ ايڊوانس اٿي. نيڪ ٿي وڃي ته هن پتي تي اچي ڪم شروع ڪجانءِ. ڪرن کي ٻه هزار خرچي ڏنيائينس. چندر موبائيل ڏنس. قيمتراءِ چيس- ''مون ته ڪجهه ڏنو نه.''

چنديرام چيس- ڏنئه ته سهين، ناريل برڪت آڻيندو آهي. مصري زندگيءَ ۾ مٺاس آڻيندو آهي. آرتوار ڏينهن توهان سيني کي اسان جي گهر اچڻو آهي. چندر وٺڻ اچي ويندو.''

ڪرن چندر کي چيو- ''سُپاڻي ڀائوءَ جي ڊريسنگ ٿيندي.''

چنديرام ٽوڪيس- ''ملڻ جو سنو بهانو آهي. پٽ، خيال نه ڪر جلد شاديءَ جو مهورت ڪڍائيندس.''

ڪرن شرمائي نظرون جهڪائي ڇڏيون.

E- 98 Saket
Indore- 452018
Mob:- 8989831884

”مان سوچيان پيو تہ هنن پنجن سالن ۾ مون توکي خوب ماڻيو آهي ۽ هئي ڪنهن پاسي ڏيان ئي نہ ڏنو آهي.“

”منهنجي سونهن ئي اهڙي آهي، جنهن توهان کي هئي پاسي وڃڻ ئي نہ ڏنو.“ شينوءَ جي لفظن ۾ پنهنجي سونهن جو غرور صاف ڏسڻ ۾ پئي آيو.

”هونئن‌مان تنهنجي ڳالهہ تي وشواس ڪري وٺان ها، پر اڄ تنهنجا هي لفظ وشواس جوڳا نہ ٿا لڳن.“

”ڇو نہ ٿا لڳن، ان جو ڪارڻ پڇي سگهان ٿي؟“

”ڇاڪاڻ تہ اڄ هتي تنهنجي ئي علائقي ۾ توکان وڌيڪ سونهن ۽ سوڀيا واري ڇوڪري ڏسڻ ۾ آئي آهي.“

”ڇا ٻي ڇوڪري؟ منهنجي علائقي ۾ ئي؟“

”ها، ٻي ڇوڪري، اُچ تہ ڏيکاريانءِ“ چئي يوگيش شينوءَ کي ڏاڪڻين ڏانهن وٺي ويو ۽ ان ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪيائين. ان ڇوڪريءَ کي ڏسي ٿڌي ٿي وئي، هن جا لفظ نڙيءَ ۾ ئي اٽڪي پيا.

”مونکي اِها ڇوڪري کپي“ يوگيش ان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏسندي حسرت مان چيو.

”سرڪار! هيءَ ڇوڪري مُنهنجي ڌيءَ آهي، خوشبو“.

”ڇا تنهنجي ڌيءُ؟ پوءِ تہ ڪو مسئلو ئي ناهي، پوءِ ٻڌاءِ، تُنهنجي خوشبو ڪڏهن ٿي منهنجي تن من کي واسي؟ پر پهرين هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ، هن جي نٿ لٿي آهي؟“

”سرڪار! هيءَ منهنجي ڌيءُ آهي“ شينوءَ ڪاوڙجي چيو ”۽ اسان ٻنهي جو جيڪو رشتو آهي جڙيل آهي ان رشتي موجب هيءَ توهان جي پڻ ڌيءُ جهڙي ٿي“.

”بڪواس بند ڪر“ يوگيش رڙ ڪئي ”تنهنجو رشتو وئشيا ۽ گراهڪ جو آهي، وئشيائن جو نہ ڪو ڀاءُ، پيءُ هوندو آهي ۽ نہ ئي ڪو مڙس. ۽

لڳاتار هلندو رهيو. هُنَ جي وَڪ هوندي هئي سڄو بازار جي زينت شينوءَ جي ڪوٺي ڏانهن، شينو پڻ هن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. تمام حسين ۽ ڌماندڙ هئڻ ڪري شينوءَ ۾ تڪبر هيو. هوءَ هر ڪنهن جي اڳيان وڃڻ لاءِ تيار ڪانه ٿيندي هئي، پر يوگيش سان هن جو سچو لڳاءُ ٿي ويو هو. انڪري هن يوگيش کي ڪڏهن منع نه ڪئي، پر يوگيش جي ڪري هن پنهنجا وڏا وڏا گراهڪ ضرور ڇڏي ڏنا. شينوءَ ڪيترائي ڀيرا ڏڀيل لفظن ۾ يوگيش سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪيو هو، پر هر ڀيري يوگيش هن جي ڳالهه مذاق ۾ ٽاري ڇوندو هو ”ڇا سچ پچ تون مون سان پيار ڪندي آهين؟ ڪڏهن تنهنجي پيار جو امتحان وٺندس، ان مهل خبر پوندي ته گهڻو پيار ڪندي آهين.“ شينو رڳو حسرت سان يوگيش ڏانهن نهاريندي رهجي ويندي هئي.

هڪڙي ڏينهن شينوءَ جي ڪوٺي جا ڏاڪا چڙهندي يوگيش جي نظر هيٺ بيٺل هڪ ڇوڪريءَ تي پئي. ڇوڪريءَ جي عمر سورهن سترهن سال مس هوندي، پر شرير اٿين ڀريل، جو ويهن ٻاويهن سالن کان گهٽ ڪا نه پئي لڳي، ڪيس سلوار ڪڙتو پاتل هيو، پر رئو نه هجڻ ڪري سندس سيني جا اُڀار صاف ظاهر ٿي رهيا هئا. شرير جي بناوت اهين جو هر انگ ڪپڙن ۾ ڍڪيل هئڻ جي باوجود به ظاهر ٿي رهيو هو. ڪڻڪ رنگي ۽ نقش ايترا سنا جو هڪ دم من موهي وجهي. يوگيش ڪجهه دير تائين هن ڏانهن نهاريندو رهجي ويو ۽ پوءِ ڏاڪڻيون چڙهي شينوءَ ڏانهن ويو. شينوءَ جي اڳيان وهندي به هن جي اکين آڏو اها ڇوڪري ئي ڦرندي رهي.

”ڇا ڳالهه آهي سرڪار! اڄ ڪهڙن خيالن ۾ گم آهيو؟“

”مونکي هتي ايندي گهڻو وقت ٿيو آهي شينو!“

”لڳ ڀڳ پنجن سالن کان اسان ٻئي گڏ آهيون، پر ڇو، ڇا ٿيو؟“

”معاف ڪجو، جيڪا ڇوڪري توهان ڪي وٽي هئي اها هاڻي دبئيءَ ۾ رهندي آهي. پر توهان جي خدمت لاءِ مان حاضر آهيان، ٻڌايو ڇا پيش ڪجي جام يا جان؟“

”آيو تہ مان پنهنجي ضرورت پوري ڪرڻ هُيس، پر هاڻي مونکي توسان هڪ ئي ڳالهہ ڪرڻي آهي“.

”حڪم ڪيو، ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

”هاڻي جيڪو ڇوڪرو تو وٽان اُٿي ويو.....“

”ڪير، هو موهن؟“

”ها موهن، هن کي اڄ ڪانپوءِ هتي نہ اچڻ ڏجانءِ“.

”ڇا جي ڪري؟ هو منهنجو تمام سٺو گراهڪ آهي ۽ توهان ڪهڙي حق سان مونکي منع ڪري رهيا آهيو؟“

”هن جي پيءُ جي حق سان، هو منهنجو پٽ آهي“.

”ڇا هو توهان جو پٽ آهي؟“

”ها ۽ اسان جي ايترن سالن جي رشتي جو واسطو ڏئي، مان توکي ايترو تہ چئي سگهان ٿو“

”رشتو! ها..ها..ها“ شينوءَ تمام زور سان ٽهڪ ڏنا. ”توهان جو ۽ منهنجو رشتو هڪ وئشيا ۽ گراهڪ جو آهي ۽ وئشيا جو نہ ڪو ياءُ، پيءُ هوندو آهي ۽ نہ ئي ڪو مڙس“ چئي شينو پاڳلن وانگر ٽهڪ ڏيڻ لڳي.

Mohan Heights 11 CHS
Monarch Building
G-606, wayale nagar
Land Mark - Serseat Bank
Kalyan-(W)- 421301

وئشيا جي ڏيءُ وئشيا ئي ٿيندي آهي ”چئي يوگيش هليو ويو. شينو پريل نيڻن سان هن کي ويندو ڏسندي رهي، کيس ائين لڳو ڄڻ ڪنهن هن جي وجود ۽ هن جي آتما تي وار ڪري هن جا ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيا هجن.

جيئن ڪنهن جي مرڻ سان دنيا بيهي نه ويندي آهي، تيئن ئي ڪنهن هڪ گراهڪ جي وڃڻ سان ڪوٺا بند ڪو نه ٿيندا آهن. سو حسن جي بازار جو سلسلو ائين ئي هلندو رهيو ۽ يوگيش ڪجهه مهنن تائين شينوءَ ڏانهن رخ ئي ڪو نه ڪيو، پر هوريان يوگيش من ۾ هَوَسَ جي بُکَ لاهڻ لاءِ شينوءَ جي ڪوٺي جو رخ ڪيو. شينوءَ جي ڪوٺي جا ڏاڪا چڙهي جيئن ئي دروازي تي پهتو، اندر ڪنهن مرد ۽ شينوءَ جي ڳالهائڻ جو آواز سندس ڪنن تي پيو، ”تنهنجي صحبت جو اهڙو اثر آهي، جو توسان ملي نيون نڌيون ڇوڪريون به وسري وينديون آهن“.

”توهان کي خوش ڪرڻ لاءِ ئي ته وينا آهيون سرڪار“!

يوگيش اندر جهاتي پاتي ۽ ڪمري جو نظارو ڏسي هن جا هوش حواس گم ٿي ويا کيس پنهنجي اکين تي وشواس نه پئي آيو.

پيسا ڏئي اندر وينل شخص در کولي ٻاهر نڪتو ته هن کي ٻاهر نڪرندو ڏسي يوگيش پاسيرو ٿي بيهي رهيو، شينو کيس در تائين ڇڏڻ آئي ۽ چيو ”ايندا رهجو“موٽ ۾ هو شخص مرڪيو ۽ تڪڙا ڏاڪا لهندو هليو ويو.

هن جي ويندي ئي شينو واپس ورڻ لڳي ته هن يوگيش کي ڏسي ورتو، ”توهان؟“

يوگيش پلٽيو ۽ شينو کيس اندر وٺي وئي، ”اڄ هن وئشيا جي ڪيئن ياد پئي سرڪار کي؟“ شينوءَ جي لهجي ۾ طنز صاف نظر پئي آئي.

”جسم جي ضرورت وٺي آئي آهي“.

ديس جي ورهاڱي بعد گووردڻ شرما اول آديپور گانڌيڌام ۾ اچي ٽانئيڪو ٿيو، جتي کيس سنڌيءَ جي مايناز شاعر ’هري درياڻي دلگير‘ جي صحبت حاصل ٿي. کيس پنهنجو گرو مڃي هِن جي نقش قدمن تي هلندي کيس اُتي آزاديءَ جي سنگرام ۾ قومي شاعر هوندراج ’دکايل‘ جي بہ سونهپ حاصل ٿي.


ان بعد دبئيءَ جي انڊين هاءِ اسڪول ۾ گهايل صاحب موتي پرڪاش، موهن گيهاڻي ۽ واسديو موهيءَ جو همڪار بڻيو.

اڄ جي تاريخ ۾ گهايل پوڻي جي سنڌي ادبي سڀا جي روح روان طور ڪيترن ئي اُنجي بئنڪن، مشاعرن ۽ سيمينارن جو آيوجن ڪندي سنڌيت جي جوت جلائي رکي آهي.

سندس ڏنل شيوائن جي قدرشناسي طور گهايل کي ڪيترائي انعام، سنمان، خطاب ’سنڌي انمول رتن‘ جهڙا عطا ڪيا ويا آهن. سندس رچنائون احمدآباد، بڙودي، بمبئي، پيج، جئپور، دهليءَ جي ريڊيو اسٽيشن تان نشر ٿينديون آهن.

’اکيون ہونڄڻ کان اول‘ سنگرهہ ۾ گووردڻ شرما جا گوناگون وشين تي چوڏهن مقالا ساهت اَڪاڊميءَ ۽ دهلي سنڌي اڪاڊميءَ جي سيمينارن ۾ پيش ڪيل ڪونج ۾ شايع ٿيل شامل آهن.

چوڏهن مقالن ۾ مان چند مقالن تي هت پنهنجا تاثرات پيش ڪريان ٿو. سڀ کان اول پڇاڙيءَ وارو شاهہ جي رسالي ۾ ونڄارن جو ذڪر، جنهن ۾ گووردڻ شرما گهايل سُرساموندڙيءَ ۾ ونڄارين جو وستار ۾ ورنن ڪيو آهي. صدين کان سنڌي واپاري ڏيهان ڏور جاوا سوماترا ہين ملڪن ڏانهن درياهي سفر ڪنداهئا.اهي ساموندڙي پاڻ سان لونگ، ايلاچي ۽ قيمتي ڪپڙا کڻي شري لنڪا ۽ عدن ڏانهن ويندا هئا ۽ موٽندي اُتان سون، هيرا موتي ۽ ہيون قيمتي شيون کڻي ايندا هئا. سيارو شروع ٿيندي ئي اُهي سنڌ ورقي سوداگر (ساموندڙي) اُسهڻ لڳندا هئا ۽ بهار جي مند ۾ واپس ورڻ لڳندا هئا. سندن ويڇاريون



تاثرات/ لکمي کلاٹي

گوورڌن شرما ’گهايل‘ جي مقالن ۽ مضمونن جو مجموعو

اَکيون ٻوٽجڻ کان اول - 2021

گوورڌن شرما ’گهايل‘ سنڌي ڀاشا، ساهت، سنسڪرتي، تعليم يعني سنڌي سڀاٽپ کي هند جي ڌرتيءَ تي دائمي طور قائم رکڻ جي هلچل ۾ گذريل پنجاهہ سٺ سالن کان سرگرم ڀرو وٹڻ وارو اسانجو هڪ نهايت چست درست ساٿي رهيو آهي.

گوورڌن شرما هڪ گهڻ ڪُنڊي شخصيت آهي. هو هڪ سٺو شاعر آهي. هن جا اٹ ڏهہ شاعريءَ جا سنگرهہ سنڌي ۽ هنديءَ ۾ شايع ٿي چُڪا آهن. اُنهن جا عنوان بہ شاعراڻا آهن. جيئن ’ڇيڙ سکي سرگم‘ (١٩٦٠)، ’اُها ماءُ ڀلي مُرڪن‘ (١٩٦٢)، ’ڪونجون ٿيون ڪُڪڪن‘(١٩٦٧)،’قلم جو سپاهي‘(١٩٧٤)،’ميڙي چونڊي‘(١٩٩٨) ’ٽُڪرا ٽُڪرا نند‘ وغيره وغيره.

نظم سان گڏ نثر تي بہ سندس دسترس آهي، سندس ڪهاڻيون، ايڪانڪي ناٽڪ، مضمون، مقالا بہ ڪيترن ئي درسي ڪتابن ۾ شامل ٿيل نظر اچن ٿا. ناسڪ جي سنڌو ڪلا سنگم پاران ٢٠٠٢ ۾ آيوجن ڪيل هڪ اکل ڀارت سيمينار ۾ ’گوورڌن شرما گهايل‘ -فن ۽ شخصيت وشيہ تي آيوجن ڪيو ويو، جنهن ۾ ودوانن پنهنجا مقالا پيش ڪيا، جيڪي پوءِ ڪتابي صورت ۾ ڇپايا ويا.

شاه صاحب جو هن وڻجاريءَ جو پنهنجي ڪانڌ جي وڇوڙي جو اُهو ورلاپ اَسانجي دلين کي ته تائين ڏوڏي ٿو ڇڏي. لاشڪ شاه جو شمار دنيا جي بهترين شاعرن ۾ ڳڻيو وڃيٿو.

مان گهايل صاحب جي هت ڏنل اِن جاچنا سان شاملراءِ آهيان ته شاهه صاحب پنهنجي رسالي ۾ عورت کي جيڪا عظمت ڏني آهي، اِن جو مثال ملڻ محال آهي. شاه سائينءَ مطابق عورت هڪ مانيڻو درياه آهي ته صبر و قرار ۽ اندر جو نار آهي. ثابت قدم به آهي ته گڏوگڏ جدوجهد ڪندڙ به آهي. نياز و نوڙت واري به آهي ته محبت ۽ ممتا واري به آهي. پورهيت به آهي ته سهن شيل به آهي. شاه صاحب واه جو عورت جون اِهي خصلتون اُجاگر ڪيون آهن.

”بيوس ٻاريءَ جا سهڻا گل“:

هن مقالي ۾ گوورڌن شرما ٺيڪ ئي فرمايو آهي ته جديد سنڌي شاعريءَ جو رهنما ۽ روح روان سائين ڪشنچند تيرٿداس کتري ’بيوس‘ (۱۸۸۵-۱۹۴۷) صاحب ئي آهي.

ڊاڪٽر ارجن شاد جو اِن نسبت ۾ گوورڌن شرما هيءُ حوالو ڏنو آهي:

”هن دؤر ۾، شاعر پارسيءَ جي اثر سبب ، پنهنجي سنڌي وايومنڊل کان الڳ ٿي ويا. هو سنڌي جيوت کان متاثر ٿيڻ بدران، پارسي شعر کي پنهنجي اُتساه جو سرچشمو بڻائڻ لڳا ۽ ڪيترو شعر ته سڌو سنوائو پارسيءَ تان ترجمو ڪندا هئا.

اُنهيءَ دؤر جو هڪڙو ئي شاعر هو جنهن اُن قسم جي سطحي شاعريءَ کان ڪنارو ڪيو ۽ هڪ نئين وات گهڙي، جا وات اوُچن ۽ آدرشي خيالن جي هئي. سنڌي زبان جون جنهن مان ذاتي خوبيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. اُهو شاعر هو ڪشنچند تيرٿداس کتري ’بيوس‘.“

گوورڌن شرما پنهنجي ليک ۾ اِنهن سنڌي شاعرن جو تفصيل ۾ ذڪر ڪيو آهي، جن بيوس جي ڏيکاريل وات ورتي. سندس نقش

وڻجارڻيون وڻن ۾ سڳا ٻڌي پنهنجي گهوٽن جي با سلامت واپس ورڻ جون سکائون ڪنديون هيون. درياهه تي اکا پائينديون هيون، ڇوٽن تي ڏيئا ٻارينديون هيون، ٻهراڻا ڪڍنديون هيون. شاهه لطيف سائينءَ هندن جي انهن رسمن جو به ذڪر ڪيو آهي.

اُڀيون تڙ پوڇين، وهون وڻجارن جون،
آٽي اکا ڏين، ڪٽوري سمنڊ کي،
جا جرجاٽون نه ڏئي، ڏيئا نه موهي،
سڏون ڪوهه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.؟

گووردن شرما اسان کي ٻڌائي ٿو ته شاهه جو سڄوئي هيءُ 'سُر سامونڊي' وڻجارين جي ورهه ويدنائن سان پريو پيو آهي.

سيئي جو ٻن ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
روئان رهن نه سپرين، آيل ڪريان ڪيئن؟
مون کي چاڙهي چيئن، ويو وڻجاريون اوهري.

اِهو منهنجي موڄ جوانيءَ جو وقت هو، جڏهن پريتم پرديس هليو ويو، هي سکي مان ڇا ڪريان؟ جي ڪڏهن مان روئان به ها ته هو رُڪجي نه ها، جيئري ئي مونکي چتا تي چاڙهي هي پيارو غوراب گهلي هليو ويو.

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهَ سنباهيا،
وجهيو وَرُ ونجهه کي، روئي وڻجاري،
ماريندءِ ماري! پرهَ سور پرينِ جو .

وڻجاري جي ماءِ، وڻجارو نه پلئين،
آيو ٻارهين ماهِ، پڻ تو سفر سنبهي.

سَرِ نسريا پاند، اُتر لڳا، آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ! سهسين سکائون ڪيون.

گهايل مطابق دکايل ڪڇي عمر ۾ ئي لکڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيو. 'ڪرشن پڄناولي' ۽ 'آريہ پڄناولي' اِن جا مثال آهن. لاڙڪاڻي جي اميچوئر ڊرئمٽڪ سوسائٽيءَ جو سرگرم ميمبر هو. هنومان اخبار جي سمپادڪ طور ٻہ دفعا جيل جي ياترا ٻہ ڪيائين، جنهن تہ انگريزي سرڪار اُن تي بندش وڌي هئي.

گووردن شرما لکيو آهي تہ دکايل جي ڪوتائن ۾ نج سنڌي لفظ نظر اَچيٿو، جيڪو شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر جي ڪلام ۾ ملندو. اُن جو مثال آهي، 'پہن ڪڙي، پيهي تي بيهي پل پل ڪريان پڪار'. اِها سندس بيحد مقبول رچنا آهي. گووردن ڀارتيءَ جي هدايتڪاريءَ ۾ ، تيجي ڀوڄواڻيءَ جي سريلي آواز تي آديپور جي ڪماري پريا ڪيولراماڻيءَ نهايت ئي سندر نرتيہ ڪيو آهي. دکايل شروع کان ئي گانڌيجيءَ جي اهنسڪ آزاديءَ جي هلچل جو حصو بڻجي پريات ڦيرين ۾ ''گانڌي، تنهنجي ائٽ جو آواز، مون تہ جهوپڙين ۾ ٻڌو'' پنهنجي ڪنجريءَ تي ڳائي نوجوانن ۾ اُتساهہ ڦوڪيندو هو. سندس 'وڻ ۽ ڪهاڙو' ۽ 'لئلا مجنو' گيت شاهڪار ثابت ٿيا. درشڪن جي اِنهن لاءِ هميشه فرمائش ٿيندي رهي.

گهنشيام واسواڻيءَ جي آواز ۾ دکايل جو هيءُ قومي گيت 'هيءُ منهنجو وطن، قربان تنهن وطن تان ڪريان پنهنجو تن-بدن' اڄ بہ ريڊيو ٽي.ويءَ تي گونجندو ٻڌبو آهي. ڀارت جي آزاديءَ بعد گانڌيجيءَ جو هيءُ سپہ سالار ونوباڀاوي جي ڀودان يگيہ جو سپاهي ٿي ويو. هزارن ميلن جي پدياترا ڪندي هنديءَ ۾ پنهنجا گيت ڪنجريءَ تي ڳائيندي ونوبا جو سنديش سڻائيندو هو.

١٩٤٧ ۾ ڀائي پرتاب ڏيئلداس ڪڇ جي مهاراجا کان ڪڇ ۾ زمين وٺي گانڌيڌام کي 'نئين سنڌ' بڻائڻ جو سپنو ساڪار ڪيو. دکايل هن جو ساڄو هٿ هو. ڀارت جي سيني ڪئمپن ۾ عارضي طور وسيل سنڌين کي سڏ ڏنائين.

ڀارت ماتا جي ڪڇ ۾،
اسين گانڌيڌام اڏينداسين.

قدمن تي هلي، هن جي قافلي (درسگاه) ۾ شامل ٿي ويا. سائين ڪشنچند بيوس جي صحبت ۾ سينگاريل ۽ ادبي رنگ ۾ رڱيل سهڻا سڳنڌي گل آهن.

(۱) سدا حيات هوندراج دکايل (۱۹۱۰-۲۰۰۳)

(۲) پرنسيپال هري درياڻي دلگير (۱۹۱٦-۲۰۰۴)

(۳) پروفيسر رام پرتاپراءِ پنجواڻي (۱۹۱۱-۱۹۸۷)

(۴) پريو چڳاڻي وفا (۱۹۱۵-۲۰۱۲)

(۵) ڊاڪٽر ارجن 'شاد' (۱۹۲۴-۲۰۰٦)

(٦) روپلال راڌا ڪرشن آريہ 'نيل ڪمل' (۱۹۱٦-۱۹۷۳)

(۷) سوامي ٻوڏراج (۱۹۷-۱۹۴۴ا۸)

(۸) گوبند لوڪومل ڀاٽيا (۱۹۱۸-۱۹۸۷)

(۹) گوتم شڪارپوري 'سامي' (۱۹۱۰ع)

(۱۰) ٻلديو تاراچند گاجرا 'گمنام' (۱۹۰۹-۱۹۹۸)

(۱۱) روپڪمار 'گهايل' (۱۹۳۰-۲۰۱۹)

(۱۲) فتحچند شرما 'پروس' (۱۹۰٦-۱۹۹۸)

(۱۳) ڪيئلداس بيگواڻي 'فاني' (۱۹۱۴-۱۹۹۵)

(۱۴) سوڀراج نرملداس 'فاني' (۱۸۸۳-۱۹۵٦)

(۱۵) سترامداس جُڙياسنگهاڻي 'سائل' (۱۹۱۴-۲۰۱۵)

'گهايل' هنن سان گڏ ٻين ٽن شاعرن کي بہ شامل ڪيو آهي، جن جي لکڻين تي سائين بيوس جو اثر نمايان آهي. اُهي آهن، (۱) ديال آشا (۱۹۳٦)، (۲) پرسرام روهڙا 'نماڻو' (۱۹۲۱-۱۹۸۱) (۳) گووردن شرما گهايل (جنم ۱۹۳۷)

گووردن شرما 'دکايل جو وقت' عنوان سان قومي شاعر، لوڪ گيت رچيندڙ هوندراج دکايل تي هڪ ليک هت شامل ڪيو آهي. ساهتيہ اَڪاڊميءَ لاءِ ڀارتي ساهتيہ جا اڏيندڙ لاءِ هو دکايل تي مونوگراف بہ لکي چڪو آهي.

ايم.ڪمل جو هڪ غزل:

شهر ۾ شهري ٿين ٿا، ڪنهن ڇيو؟
نانگ سپ زهري ٿين ٿا،ڪنهن ڇيو؟
ڪا تہ وِهُہ پِي زندگيءَ جو آ بچاءُ،
زهرَ کُل زهري ٿين ٿا، ڪنهن ڇيو؟

ونود آسوداڻيءَ جو غزل:

سانت ڏيڇاري ٿي ڇڏي دل کي
ڪا نہ ڪا دل کي پڻ کپي کٽ پٽ.

گوپ درياڻي ڪمل جا هينيان بہ غزل 'چانو ويڙهيل جسم' جا اَرجن حاسد کي پسند آيا آهن:

هن کي ڳرانڙي بہ لڳي ٿي چمات جيان،
حيران ٿي ويو آهيان، نصيحت ٻڌي ٻڌي.
مفهوم زندگيءَ جو ڪنهن آبشار کان پڇ،
اوچائيءَ تان ڪري پِي،ايڏو ڪيئن کلي ٿو.

واسديو موهيءَ جا غزل:

چنڊ اڄ چانهن تي گهرايو هو
ڪجهہ نشيدار پِي وران ٿو مان.

توتي لڪان قصيدو
چوين تہ ٿورا لاهيان.

ڪرشن راهي:

انگ ڪپڙي سان ڍڪيل آهن
باقي اڌ شرم سان ڍڪيل آهن

موتي پرڪاش:

جن جي مڇ مروڙ ا آهن
ماڻهو ڪين، مکوڙا آهن

گووردڻ شرما پنهنجي هن ليک ۾ اسان کي اِها ڄاڻ ڏني آهي تہ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي سکر واري جيل ۾ دادا دکايل سان گڏ ساڳئي ڪمري ۾ رکيو ويو. ٢١ جنوري ١٩٤٣ تي هو ڦاسيءَ جي تختي تي مرڪندي چڙهيو. دکايل جي لفظن ۾ پنهنجي نئين ايندڙ پيڙهي جي نوجوانن کي اِها پريرڻا ڏيندو هو.

جوئاري!
سر جو داءُ لڳاءِ
ملڪي محبت جي هن پڙ ۾
جيڪي هجيئي هلاءِ !

گذريل ڏهن سالن ۾ سنڌي غزل:

گهايل هيءُ مقالو ساهتيہ اَڪادميءَ جي هڪ ادبي بيٺڪ ۾ پيش ڪيو هو، جنهن ۾ هن سنڌيءَ جي اعليٰ درجي جي غزل گو شاعرن جو ذڪر ڪندي سندن کي چونڊ غزل نموني طور پيش ڪيا آهن. ارجن حاسد جي 'نہ، ائين نہ (٢٠٠٩)' سنگره جو هڪ غزل آهي.

چٽگ آهين تہ باہ ٻاري وڃ،
آرسي جي هجين سنواري وڃ،
جي سڄاٽپ ٿو چاهين حاسد جي،
عمر هڪ رڃ ۾ گذاري وڃ.

گهايل هت پنهنجي هڪ گذارش پيش ڪئي آهي تہ جيڪڏهن ساهتيہ اڪادمي حاسد صاحب جون چونڊ شاعراڻيون رچنائون هندي،انگريزي ۽ ڪن ٻين ڀارتي ڀاشائن ۾ ترجمو ڪرائي ها تہ گيان پيٺ اوارڊ حاصل ڪندڙ ڀاشائن ۾ اضافو اَچي ها. مان سندس گذارش کي ٽيڪو ڪندي پنهنجي طرفان جوڙيان ٿو تہ ساهتيہ اڪادمي ہہ تي ڏهاڪا اڳ ئي نارايڻ شيام جون چونڊ شاعراڻيون رچنائون ٻين ڀاشائن ۾ ترجمو ڪرائي پيش ڪري ها تہ گيان پيٺ اوارڊ حاصل ڪندڙ ڀاشائن ۾ اڳ ئي اِهو اضافو اَچي وڃي ها.

ڪتاب هٿون هٿ وڪامي ويو.
٢- ڪلا پرڪاش جو 'ممتا جون لهرون'. هيءَ مقبول ليکڪا ٻيو ڪجهہ نہ بہ لکي ها، فقط ممتا جون لهرون لکي ها، تہ بہ ڪيس اوتري ئي اهميت ملي ها، جيتري ناول، ڪهاڻيون ۽ ڊرئولاگ لکي ملي اٿس.
٣- هوندراج بلواڻيءَ 'پروليون' ڪوتا ۾ لکي، ٻال ساهتيہ ۾ هڪ نئين وِڌا جي شروعات ڪئي.

اونهو اونهو گول گول
چيز پريل آهي اَنمول

٤- 'چوند سنڌي ٻال ايڪانڪيون'- سمپادڪ: منوهر نهالاڻي.
هن سنگره ۾ ٻارن سان وابستہ موضوع کڻي، تيرهن ايڪانڪيون، جدا جدا ٧ ليکڪن جون لکيل شامل آهن.
٥- 'ٻارو اچو تہ ڳايون'- رچنا ڪار: ڊاڪٽر ديال آشا
هن ڪتاب تي NCERT طرفان اِنعام مليل آهي. گيتڪار گائڪ، ڊاڪٽر ديال آشا تعليمي، پنگتي ۽ ادبي کيتر ۾ شايد ٻين گهڻن کان وڌيڪ اِنعام اڪرام حاصل ڪري جس ڪمايو آهي. گائڪا پيڙ سمن کيماڻيءَ ڊاڪٽر صاحب جون ڪيتريون ئي رچنائون پنهنجي سُريلي آواز ۾ پيش ڪيون آهن.

٦- کيمن مولاڻي جا 'سهڻا گلڙا ٻار':
سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ٻال ساهتيہ جو اِنعام هن ڪتاب کي ڏنو ويو. هوندراج بلواڻيءَ 'ٻارن لاءِ ٽول' عنوان سان هن ڪتاب جو اِنعام لکيو آهي.
٧- 'نئون نرالو جهنگل'- ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جو رچيل:
سنڌيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب ١٠ اصلوڪا، ٢٢ ٻين ٻولين مان انواد ڪيل، ١٠ ٻيا بہ ايڊٽ ڪيل، ڪُل ١٠٠ کان وڌيڪ ڪتاب ڏئي هن ٻال ادب جو گهڙو پريو آهي. سنڌيا ڪندناڻيءَ حقي واجبي ڪيس ٻال ساهتيہ جو سمراٽ ڪوٺيو آهي.

بي حس، بي احساس لڳل ٿا
فريم اَندر جڙيل فوٽا آهن.

ڍولڻ راهي:

سچ سان ٿي منهن انڪائي
جريت ڪڪريءَ جي ته ڏسو.

کيمن مولاڻي:

پيٽ ڏني جڏهن لاچاري
باه تڏهن آ هر ڪنهن ٻاري.

ڪئلاش شاداب:

سامي سچل ۽ شاه جي ڳالهين جي اوٽ ۾
ويچار چو نه آيو اما ياد ٿي ڪري.

گوورڌن شرما گهايل:

ٻن قلڪن ۽ دال ذريءَ لاءِ
ڏونگر وينا ڏوريون يار.

ڀارت ۾ رچيل سنڌي ٻال ساهتيه:

پنهنجي هن مقالي ۾ گهايل ٺيڪ ئي لکيو آهي ته ''ادب جي عمارت ۾ ٻال ساهتيه هڪ بنيادي پٿر جو ڪم ڪريٿو.'' مونکي اڄ به سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ ٻال ساهتيه جا به رسالا ٻالڪن جي ٻاريءَ جو پايو وجهندڙ دادا شيوڪ ڀوڄراج جو 'گلستان' ۽ سندر ساهتيه طرفان ميلارام واسواڻيءَ جي نگرانيءَ ۾ شايع ٿيندڙ 'گل ڦل' ياد آهن، جن منهنجي اندر ۾ به ساهتيه سرجڻ جو ٻج پوکيو.

گوورڌن شرما هن ليک ۾ ڏهن اَهڙن ٻال گيتن ۽ کهاڻين لکندڙ رچناڪارن ۽ سندن رچنائن جو ذڪر ڪيو آهي؛ جن ڀارت ۾ ٻال ساهتيه جو بنياد وڌو.

ا - گوورڌن ڀارتيءَ جو ڪتاب 'لاٽيون' سن ١٩٥٨ ۾،شايد ٻنهي لپين ۾، سني ڪاغذ، سندر ڇپائي ۽ رنگين تصويرن سان شايع ٿيو، اُهو

تخلص سان ۽ پوءِ جڏهن هن جي واقفيت سنڌي شاعر مرادعلي ڪاظم سان ٿي تہ هن ڪيس علم عروض جي ڄاڻ ڏيڻ بعد پنهنجو تخلص رنجور مان مٽائي ضيا رکڻ جي صلاح ڏني. ضيا معنيٰ روشني، جوت، پرڪاش.

سنڌ ۾ هز ماسٽرس وائس (HMV) ۽ ڪولمبيا رڪارڊنگ ڪمپنيءَ ضيا کي گيت لکڻ جي آڇ ڪئي. اُهي اُن وقت جي سرمور گائڪ ماسٽر چندر جي آواز ۾ پرجي سنڌ جي گهٽي گهٽيءَ ۾ گونجڻ لڳا. ٻول ضيا جا سُر چندر جا. اِن سريلي سنگم سندن سنگيت کي سنڌ جي گهر گهر ۾ بيحد قبول ڪري ڇڏيو.

۱. دِل آهي هٿن ۾ ٿو خريدار کي ڳولهيان

۲- تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان

۳- ڪبوتر ڪبوتر

۴- دل تنهنجي منهنجي هڪ آهہ

ورهاڱي بعد هنن ٻنهي چندر ۽ ضيا جي جوڙي جيڪي هاڻ ڀاڄ ۾ سيٽڪي ڳنڍي چڪا هئا، اَجا وڌيڪ مشهور ٿي وئي. ڀارت ۾ پهرين سنڌي فلم اَباڻا جو هيءُ هڪ شاهڪار گيت ليکڻ ۾ آيو.

وطن ڪان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا

پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا

هئہ هئہ پکا پراڻا، هئہ هئہ وطن جا ٿاڻا، هئہ هئہ منا اَباڻا

شرڻارٿي بڻجي ڪئمپن ۾ ڌڪا کائيندي سنڌين جي هيٺي حالت تي پرسرام ضيا جو راجنيتي نيتائن تي طنز ڪندڙ شعر پڙهي تي پوهوءَ ماءُ تہ نهايت لاجواب ليکڻ ۾ آيو. ڀارت ۾ گوورڌن ڀارتي سنڌي فلمن ۾ سڀ ڪان وڌيڪ دلارو گيتڪار بڻيو. پر هن ڪان اڳ پرسرام پنهنجو

۸- ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻيءَ جو ’روشن راھون‘:

هن ۾ ۷ ڪهاڻيون شامل آهن. ڊاڪٽر لڇاڻيءَ جا هنديءَ ۾ ۵ ۽ انگريزيءَ ۾ ٦ ڪتاب ٻال ساهتيہ نسبت آهن.

۹- ڊاڪٽر روشن گولاڻيءَ جو ’روشن ٻاراڻو ٻول‘:

هيءُ ۲۰۱۷ ۾ ٻال ساهتيہ اِنعام حاصل ڪيل ڪتاب سني سائيز، سهڻي ڇپائي، اوچي پني ۽ رنگين تصويرن سبب وديارٿين ۾ بيحد پيارو بڻجي پيو آهي.

۱۰- ڊاڪٽر ڄيني لالواڻيءَ جو ’ٻال رنگ‘:

هن ڪتاب ۾ ڪهاڻيون، ليک ۽ ناٽڪ ڏنل آهن.

هن ليک جي پڇاڙيءَ ۾ گوورڌن گهايل پنهنجو رايو ڏنو آهي تہ بهترين سنڌي ٻال ساهتيہ تي لکڻو هجي تہ سدا حيات پرسرام ضيا نہ شمارجي تہ مقالو اڌورو لڳندو. ضيا صاحب جو ٻال ڪوتا سنگره ’باغ بهار‘ ۱۹٦۳ ۾ ڀارت ۾ شايع ٿيو هو. هن ۾ ۳۰ ٻال ڪوتائون ڇهُ وقت اڳ لکيون هئائين.

سنڌالاجيءَ بہ گذريل صديءَ جي پوئين ڏهاڪي ۾ سينٽرل اِنسٽيٽيوٽ آف اِنڊين لئنگويج (ميسور) سان گڏجي شري هري دلگير ۽ شياملا ڪماريءَ جي رهبريءَ ۾ ٻال گيتن جو هڪ ورڪشاپ ڪيو هو. شرڪت ڪندڙ ٽيهارو کن ننڍڙن وڏڙن اٽڪل ۳۰۰ ٻال گيت تيار ڪيا جيڪي سنڌالاجيءَ طرفان ڇپايل پستڪ ’ٻال گيت‘ ۾ ٻنهي لپين ۾ ڏنا ويا آهن.

ضيا جون شاعراڻيون صلاحيتون:

شاعر پرسرام هيرانند سچاننداڻيءَ (۱۹۱۱-۱۹۵۸) پنهنجي عقل، آزمودي، لگن، محنت ۽ اورچائيءَ ڪري ثابت ڪيو تہ هو ڄمندي ڄام هو. هن پهرين ’پرسو‘ اُن بعد ’رنجور‘ (درد مند، ڏکايل)



ڪتابي سمالوچنا/ ديوي ناگراڻي

هن شهر ۾ هڪ شهر هو...(ناول-۲۰۱۸)

ليکڪا: جيا جادواڻي

ستيم شوم سندرم کان وڌيڪ سُهڻي ۽ پاردرشي ٻي ڪهڙي ٻولي ٿي سگهي ٿي، جيڪا چوي ٿي ته هيءَ سرشٽي گول آهي، جتان هلون ٿا، اُتيئي پهچون ٿا. جتان کان شروع ٿا ڪيون، اُتيئي ختم ٿو ٿئي هيءُ سفر. جن کان وٺون ٿا، اُنهن کي ئي موٽائي به ڏيون ٿا. اِهوئي ڀرم سچ آهي، ڪوئي مڃي يا نه مڃي.

جيا جادواڻي، هندي ساهتيه سنسار جي ڄاتل سڃاتل اَديبا آهي، هن جي واقفيت ڏيڻ سج کي ڏيئو ڏيکارڻ واري ڳالهه آهي. هنڪان پهرين سندس ناول ’مٺو پاڻي-کارو پاڻي‘ گهڻو مشهور ٿيو آهي. هاڻي هي ناول ’هن شهر ۾ هڪ شهر هو‘ جيا جي هڪ نئين سڃاڻپ کڻي آيو آهي. ’هن شهر ۾ هڪ شهر هو‘ جو آغاز ئي اهڙي خوبصورتيءَ سان ٿيو آهي جو لڳي ٿو، سچ لفظن جي ڪُک ۾ ڪجهه ائين نهان آهي، جئن سپ ۾ موتي هجي. پنهنجي لفظن ۾ ’هونئن به ته رچنائون اَسانجي ’اُتم‘ جو ئي وستار آهن، پر ان ۾ ڪنهن ٻئي کي به ته جڳهه ڏيڻي پوندي آهي، پاڻ ٿورو پنتي سري ’هوءِ‘ خاص جڳهه خالي ڪندي، جتي هن وقت تائين تون هئين.

ڏاڪو ’ڏال چولا ڏيہل، تون ڪائي وٺ دل‘ يا
’هڪ ہ ٻي چار پنجون نمبر ڪئمپ، ڪڏون ڪوہا وات تي بتي نڪا لئمپ‘
ذريعي ڄمائي چڪو هو.

ضيا صاحب سنڌيءَ ۾ شريمد ڀڳوت گيتا، جپ صاحب جهڙا ڏارمڪ ڪتاب ترجمو ڪيا. پر ڪيس گهٽي گهٽيءَ ۾ مشهوري سکمني صاحب لاءِ ملي آهي جنهنکي ڀڳونتي ناواڻيءَ پنهنجي مڌر آواز ۾ ڳائي، هر هڪ سنڌي گهر ۾ پهچايو آهي.

لياقت، قابليت، مرووت، حليمائي، خاصيت، نيڪي، نوڙت،سڪ، سداچار، خودداري ۽ پاڪيزگي وغيره صلاحتين سبب گوورڌن گهايل پرسرام ضيا صاحب کي سيني سنڌين طرفان سلام پيش ڪيا آهن.

گوورڌن شرما گهايل ٻيا ٻہ کي مقالا نهايت ئي تفصيلن ۾ انگ اکرن وارا، جنکي تاريخي اهميت آهي، وڏي جاکوڙ ڪري قلمبند ڪيا آهن. جئن تہ ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ناصحانو ڪلام، ڀارت ۾ سنڌي سنت ساهتيہ، آزاديءَ ڪانپوءِ سنڌي شاعريءَ ۾ سنڌيپڻو، موزون سنڌي شاعري، سنڌي ڪوتا ۾ قومي آواز، سنڌيت ۽ نئين نهي، سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل، شاه لطيف جون ٻہ سورميون.

اُنهن تي پنهنجا تاثرات هن ليک جي ٻين قسط ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

P-214, CIT Scheme VI (M)
Near Bada Park (APC Park),
Kankurgachhi,
Kolkata-700054

ناول جو نائڪ ڪراچي ايئرپورٽ تي لهي ٿو. هو پنهنجي زمين کان جدا ٿيڻ جي خلش محسوس ٿو ڪري. شايد هڪ ساهہ...هڪ آهہ...هڪ چاهہ...

نون ڏهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي سر زمين کان پرتي وڃي، هڪ عرصي بعد موٽي پنهنجي زمين سان گڏجڻ (گهمڻ) آيو آهي. پنهنجي بي چيني ۽ بيبسيءَ کي شدت سان محسوس ٿو ڪري. ”جنهن سان بہ مان گڏيس، اُهي ’حال‘ جون ڳالهيون ڪندا رهيا ۽ مان ’ماضيءَ‘ ۾ ڀٽڪندو رهيس. هو ٻاهر وڃڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا هُئا، مان اندر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.“

هيءَ تڪليف ورهاڱي جي اُن دور جي آهي، جيڪا اڄ بہ ماڻهن جي دلين ۾ درج آهي. پنهنجي پاڙن کان اکڙي، اُجڙي وري ٻي جڳهہ تي پاڻ کي پوکڻ ايترو سولو بہ نہ هو. هنن سڀني تڪليفن جو بيان جيا گهٽي وستار سان ڪيو آهي. پريمچند جي ڪهاڻي ’ڪلا ڪهچ ويچار‘ ڪتاب ۾ چوي ٿو تہ- ’ڪهاڻي ڏرپڊ جي اُها تان آهي، جنهن ۾ ڳائيندڙ محفل شروع ٿيندي ئي پنهنجي تمام پرتيا ڏيکاري ڇڏيندو آهي. هڪ لمحي ۾ هڪ تصوير کي مڏرتا سان پري ڇڏيندو آهي، جيڪا سڄي رات گيت ٻڌڻ سان بہ حاصل نٿي ٿي سگهي.

هن سلسليوار لکت ۾ هڪ ڪهاڻيءَ جي ڪُک مان ٻي ڪهاڻي پيدا ٿيندي ٿي وڃي، جيڪا نائڪ پنهنجي من ۾ سنجوئي رکي آهي.پنهنجي يادگيرين جي روپ ۾ هڪ طرح سان هن سفرنامي ۾ اُهي يادگار بمب آهن، جيڪي ناول جي هر موڙ تي هڪ نئين ڪهاڻيءَ جي ڪڙيءَ سان جڙندا ٿا وڃن. نائڪ جي من ۾ ٻڏل گنڍيون پرت در

اِتي مان سوچ ۾ پئجي ويندي آهيان. هيءَ گهٽڪدي رچنا آهي، جيڪا سفر جي آغاز ۾ ئي سچ جي سامهون وجي تي بيهاري.
جيڪا لفظن کي سُچ جي مس سان تي لکي.
قلم سان ئي ٿيندي آهي اِها عبادت.
ها، عبادت ئي تہ آهي، جيڪا ٻاهر ۽ اندر کي جوڙي انسان کي پاڻ سان تي ملائي ۽ انکي اِن قدر لئہ ۾ لين تي ڪري ڇڏي جو هو گوڙ ۾ بہ خاموشي ٻڌڻ تو لڳي. اُن خاموشيءَ کي بيان ڪندي ڪيترا ئي نوان لفظ سامهون ٿا اچن. اُنهن حقيقتن کي جيا هن ريت لکي ٿي. ”اسانجي اندر مٿ جيتري جڳهہ ۾ خاموشي آهي، اُن خاموشيءَ کي ئي بيان ڪرڻ جي لاءِ اسين لفظن جو سهارو وٺي لکندا آهيون ۽ ڪيترا ڪامياب ٿيندا آهيون، خبر نہ آهي، ڇو جو هونئن بہ اسانجي ۽ حقيقتن جي وچ ۾ ٻولي ۽ اسانجي وچ ۾، لفظ ۽ ارٿ جي وچ ۾ هڪ پردو هوندو آهي، اُن پردي کي پار ڪرڻ کان پوءِ ئي اَصلي سفر شروع ٿيندو آهي، پاڻ کي سڃاڻڻ جو اَصلي سفر.“
جيا جا لفظ، سندس احساس جي ترجماني ڪري رهيا آهن. لفظ ڪنهن ڌُن وانگر وڃن ٿا. اِهائي اِها لئہ آهي، جيڪا خاموش تي ٻُڌي سگهجي ٿي.
هاڻي مان جڳياسا ۾ ڪتاب کوليان ٿي. هڪ ماڻهوءَ ۾ ڪيترا ئي ماڻهو شامل آهن، هڪ شهر ۾ ڪيترائي ٻيا شهر.
هڪ ڪريا ٻي ڪريا کي جنم ڏيندي آهي، جيئن پاڻيءَ جي هڪ لهر ٻيءَ لهر کي. هن ناول ۾ خاموشي وڌيڪ آهي، ڊائلاگ گهٽ پاڻ ڪ هن شهر ۾ پرويش لاءِ ۽ هن خاموشيءَ کي ٻڌڻ لاءِ بيچين تو رهي.

چوجو ۴ اپريل جو ڀُٽو کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو هو ۽ نائڪ ۱۲ اپريل ڪراچي ۽ ۱٦ اپريل سکر پهتو هو. نامناسب وقت ۽ نامناسب پرسٿتيون هيون. نائڪ سکر کان شڪارپور طرف روانا ٿيو. هيءُ اُهوئي شڪارپور آهي، جنهن کي ۱۷۰۱ کان ۱۷۸۳ تائين لنڊن ۽ پيرس سمجهيو ويندو هو.

شڪارپور هڪ شهر نہ هڪ ذهني ڪيفيت آهي... شڪارپور هڪ سوال آهي...جنهنجو جواب ڳولهڻ هميشهہ ڪو نہ ڪو ايندو آهي. شڪارپور هڪ جسم ئي نہ، روح بہ آهي... هُن روح کان مان هتان هلي وڃڻ جي معافي ٿو گهران ۽ هُنڪان اڳتي جڻ تہ ڪا ڪوتا ٿي وهي. هڪ جادو، جيڪو پانڌيڙن جو من موهي ٿي وٺي. سنگيت جي پنهنجي هڪ ٻولي ٿيندي آهي، جيڪا آهستي آهستي وهندي پري وٺي ويندي آهي، شبد کان نشبد طرف... شور کان خاموشيءَ طرف.

نائڪ جو پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ هيءُ پريم، هي جُڙاءُ... وڇڙڻ جي خلش... سندس هر لفظ ۾ محسوس ٿي ٿئي، سنويدنشيل دل جي گهرائين مان نڪري اِنساني من جي سطح تي دستڪ ڏيندي هيءَ ڪلاڪرتي ’هن شهر ۾ هڪ شهر هو‘ پيرن ۾ پايل ٻڌي وڄندي اندر جو ڪوئي پڙاڏو ٿي لڳي. پرواسي ڪويتري ششي پاڌا، ڪشمير جي سونهن جو هن ريت بيان ٿي ڪري، جئن هن ناول جي اديبا جيا جادواڻيءَ پنهنجي نائڪ جي زباني چوي ٿي

پريت تيري

تارون سي جڙي، يون سانجهہ ڍلي

بغيا ۾ کلي جوهي ڪي ڪَلي

اُمنگ پري يو هرٽي چلي

پرت ڪلنديون ٿيون وڃن. پراڻا ناتا، ٻالپڻ جي يادگيرين جي فصل شاداب ٿيندي پيئي وڃي.

مان رستن جا نظارا ڏسي رهيو آهيان... پي رهيو آهيان. جڏهن مان ’صدر بازار پهتس....‘ هو پنهنجي خوشيءَ کي سنڀالي نٿو سگهي.

اڳتي، اڃا اڳتي يادگيريون هنکي هڪ مڪمل سنڌ جي سامهون وٺيو ٿيون وڃن. شهر ڪراچي، سنڌ جي راڄڌاني آهي، جنهنجو انگريزن نونرماڻ ڪيو. يادگيرين جا سلسلا ڪاروان ٿهي پڙهندڙن کي پاڻ سان وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب آهن.

پنهنجي ڌرتيءَ سان جدا ٿي، جڏهن نائڪ هند کان سنڌ اچڻ جي ڪشمڪش مان گذري رهيو هو تہ گهروارن اعتراض ڪيو... تہ آخر اُتي هاڻي ڇا پيو آهي، جنهن کي ڏسڻ هو وڃي رهيو آهي؟ شاهي باغ اُجڙي چُڪو آهي، ساڌٻيلي ۾ هاڻي مور نٽا نچن، ساميءَ جي سلوڪن جو ڪو بہ ملهہ نہ رهيو آهي پر من مڃي ئي نٿو. نائڪ جي من سنت ١٩٤٧ کان پهرين ۽ پوءِ جي وچ ۾ قاتل آهي.

آخر تصور ۾ جيڪي پاڇا ڦري رهيا هُئا، اُنهن کي ظاهر ڏسڻ جي لاءِ، ٻڌڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي لاءِ نائڪ سنڌ جي شهر ڪراچي پهچي ٿو. اُتي پنهنجي دوست جيرام گنگواڻي ۽ سندس پريوار سان گڏجڻ، اُنهن سان وقت گذارڻ اُن جي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ هئي. هُن بہ نائڪ کي گلي لڳائيندي چيو- ’مونکي خبر هئي، تون ضرور ايندين. پنهنجي مٽيءَ سان رشتو ڪڏهن نہ ٽٽندو آهي.

نائڪ جي بيوسي ۽ شدت انتهائي هنکي ٻين ماڻهن سان بہ جوڙيندي رهي، جڏهن هو شڪارپور وڃڻ کان پهرين سکر ويو، اُتي سندس ملاقات ٽيڪمداس ڪنارا سان عجيب و غريب دور ۾ ٿي،

مرڪزي ساهتيہ اَڪادمي اَوارڊ- ٢٠٢٢

مُبارڪون

ڊاڪٽر ڪنعيالال ليکواڻيءَ کي سندس مجموعي ’سنڌي ساهت جو مختصر اِتهاس‘ (شروع کان-٢٠١۵ع تائين) (٢٠١٦) تي، سال ٢٠٢٢ لاءِ مرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ جو اِنعام عطا ٿيڻ تي.

-سنڌالاجي پريوار

مُبارڪون

مينا گوپ روپچنداڻيءَ کي، راجموهن جها جي لکيل مئٿلي ڪهاڻي سنگرهہ ’اَڄ-سياڻ پرينهن، (٢٠١٨) تي، سال-٢٠٢٢ (سنڌي اَنواد) لاءِ مرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ جو اِنعام عطا ٿيڻ تي.

-سنڌالاجي پريوار

مُبارڪون

شري منوهر نهالاڻيءَ کي سندس ٻال ڪهاڻين جي مجموعي ’آڪاڻيون ئي آڪاڻيون‘ (٢٠١٦) تي، سال-٢٠٢٢ (ٻال ساهتيہ) لاءِ مرڪزي ساهتيہ اَڪادمي جو اِنعام عطا ٿيڻ تي.

-سنڌالاجي پريوار

مُبارڪون

حنا آسواڻيءَ کي سندس شاعريءَ جي مجموعي ’سنڌيت جي سُرهاڻ‘ (٢٠٢١) تي، سال ٢٠٢٢ (يووا ساهتڪار) لاءِ مرڪزي ساهتيہ اَڪادميءَ جو اِنعام عطا ٿيڻ تي.

-سنڌالاجي پريوار

مندر ۾ ڪوئي جوت جلي

موتي ڪي لڙي سي پريت تيري

هِنَ سُهڻي سفر کي هڪ نئون آغاز چَوڻ مناسب ٿيندو، شايد اُنجو ڪوئي اَنت ڪونهي. جيسين تائين سنڌي قوم جي هر اِنسان جي سيني ۾ دل ڌڪ - ڌڪ ڪندي... تيسيتائين هند-سنڌ جا فاصلا نزديڪين ۾ تبديل ٿيندا رهندا. هيءَ ڪلاتمڪ رچناولي، ’هن شهر ۾ هڪ شهر هو‘، هن ملڪ کان هُن مُلڪ ۾ ۽ هن دل کان هُن دل ۾ هڪ نئون شهر آباد ڪندي رهندي.

هارديڪ واڌايون ۽ شُڀ ڪامنائن سان گڏ.

ناول: ’هن شهر ۾ هڪ شهر هو‘، ليکڪا جيا جادواڻي، سال: ٢٠١٨ قيمت/٣٢٠، صفحا: ١٢٦، پرڪاشڪ: ڍولڻ راهي، ٦٠٢ فلورنس آپارٽمينٽ، پرگتي نگر، ڪوٽرا، اجمير-٣٠٥٠٠١ (راج)، فون: ٩٣٦٨٨٦٨٨١٢ Email: dholanrahi@gmail .com



شرڌانجلي

سنڌي ٻوليءَ جي برک اَديب، ناٽڪڪار، هدايتڪار، شري سريش ’سنڌو‘ (جنم ١٨-٩-١٩٥٦) جو ديهانت ١٤-١٢-٢٠٢٢ تي جئپور ۾ ٿيو. اَسين سنڌس ڪٽنبين ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ هم شريڪ آهيون.

-سنڌالاجي پريوار

اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ سڀا
دهلي طرفان- اَوارڊ-٢٠٢٢
(مُبارڪون)

(١) شري اي.جي.اُتم 'لٽرري اَوارڊ'
-شريمتي تارا ميرچنداڻي- الله آباد.

(٢) شريمتي سندري اُتمچنداڻي 'ڪلچرل اَوارڊ'
-شري صاحب بجاڻي- آديپور

(٣) شري مورجمل منگهناڻيءَ جي ياد ۾، شري چندر منگهناڻيءَ طرفان 'ساهتڪ اَوارڊ'
-ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي - اُلهاسنگر

(۴) شري نوتن تولاڻيءَ طرفان 'سنگيت اَوارڊ'
-روشني ٽيڪواڻي - ممبئي.

(۵) اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان 'ڊراما اَوارڊ'
-شري نانڪ آهوجا- دهلي.

(٦) اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان- 'لئنگويج پروموشن اَوارڊ'
-ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي- دهلي

(٧) شري نانڪ سمبتاڻيءَ طرفان 'اَديب اَوارڊ'
-شري مڪيش تلوڪاڻي- آديپور

(٨)سهيوگ فائونڊيشن، ڊاڪٽر رام جوهراڻيءَ طرفان 'اَخبار اَوارڊ'
-شري هريش ورياڻي- اَجمير

(٩) هانگ ڪانگ، چائنا سنڌي اَئسوسيشن طرفان 'فنڪار اَوارڊ'
-شري موهت شيواڻي- پوپال

(١٠)اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان 'سنڌيت پروموشن اَوارڊ'
- شري سريش ڪمار کتري- دهلي

گجرات سنڌي ساهتيه اَڪادميءَ جا ساهتڪ اِنعام -٢٠١٩

مُبارڪون

رچنا سنسار چينو لالواڻي (٢٠١٩) مضمون ١ اِنعام

چاهه جي چُسڪي وڪرم شهاڻي (٢٠١٩) ناٽڪ ٢ اِنعام

زندگيءَ سُهڻا سُکَن ڪندن لال لونگاڻي (٢٠١٩) مضمون ٣ اِنعام

خوشبوءِ شيام سچانندڻاڻي (٢٠١٩) (ڪتابي سمالو چنائون) ٣ اِنعام

(ڪوتا - وڀاڳ)

روحاني عشق سوميتا ڪشمي (٢٠١٩) ڪوتا ٢ اِنعام

(ٻال وڀاڳ)

سُپرپاور روشني روهڙا (٢٠١٩) (ٻال ڪهاڻيون) ٢ اِنعام

٢٠٢٠ لاءِ اِنعام

مهاڳ،مضمون ۽ مقالا ڪلاڌر مُتوا (٢٠٢٠) (مضمون-مقالا) ١ اِنعام

پنهنجي ئي گهر جو مهمان سي.ٽي. گيانچندڻاڻي (٢٠٢٠) (ڪهاڻيون) ٢ اِنعام

ڪوئي پنهنجو رميش آڏواڻي (٢٠٢٠) (ڪهاڻيون) ٣ اِنعام

(ڪوتا وڀاڳ)

پياس دل جي روشن گولاڻي (٢٠٢٠) (غزل) ١ اِنعام

چارماڻهو سنيتا واسواڻي (٢٠٢٠) (ڪوتا) ١ اِنعام

(ٻال - ساهتيه وڀاڳ)

گُڏي مهيش ڪلواڻي (٢٠٢٠) (ٻال ناٽڪ) ٢ اِنعام

-سنڌالاجي پريوار

मगरि राति राति बि॒न्ही ड॒ेराणियुनि जे कड़ाह, कोई न डि॒सी सघियो। लाजवंती आधीअ राति जो पासा वराईंदे पतीअ खे उथारे चवंदी हुई, "कहिड़ो ही कूकटु ब॒रियो। हाइ हाइ! छोरी हिकु हिकु पेरु थी खणे त भायां उन पेर हेठां आगि ब॒ारे ऐं हू निभाग॒ो ईश्वरु! मुंहिंजे दर वटां थो लंघे त चवां जेकर शीख़ूं ब॒ारे मुए जूं अखियूं ई कढी रखां...."

ऐं राणी सोभराज खे उथारे चवंदी हुई, "मुंहिंजी त दिलि थी जले। लाजवंतीअ जो निहारणु त मां सही न थी सघां। छोरी बि हूंदसि का धर जी फिटल।"

"पर असांजे ईश्वर खे छा थियो? हेड॒ो सारो ड॒घु, भेणि जहिड़ी सौटि जी सनाख़त न पियसि!"

"अलाजे कीअं मति खुथसि। अहिड़ो हो त को न...!"

"ही मुल्क फिटण जा अंगूर आहिनि। चौधारी वायूमंडलु त डि॒सु। छा छुड़वाग॒ी लग॒ी पेई आहे।"

"पर असीं बि त एड॒ा अंधा थी वियासीं न..."

इन तरह हरि राति, बि॒न्ही लग॒ो लगु बैरकुनि लाइ, नओ हशरु थे बरिपा कयो। राति जे कारे परदे अंदरि लकीर छिबी॒, यकदमु बि॒न्ही घरनि में ज॒रकी पवंदी हुई।।

अंदरि घुटिजी घुटिजी हिक राति त गंगाराम उथी लठि खंई। रतना जो कोमलु बदनु सज॒ो नील नील थी वियो। रतना जूं दबि॒यल रड़ियूं ईश्वर सवड़ि में ग॒ोढ़ा ग॒ाड़ींदे बुधियूं, सोभराज बैरक में अचु वञु कंदे बुधियूं ऐं राणीअ ब॒ुई भूंडा भिति में उघंदे बुधियूं। इन खां पोइ लाजवंतीअ डि॒नी ओछंगार ऐं गंगाराम जो सिर पिटणु।

हिक राति त रतना रड़ी रड़ी चई रही हुई, "ही न थी पी सघां अमी! न थी पी सघां। इनखां त मुंहिंजूं टंगूं ब॒ांहूं ब॒धी खणी नदीअ में उछिले अचो....!"

केतिरा ड̱ींहं बि̱न्ही बैरकुनि मथां मौत जहिड़ी मातिमी माठि छांयल रही। ओचितो हिक ड̱ींहुं, ड̱ीअनि ब̱रिए महिल सोभराज, ईश्वर ऐं रतना खे वठी अची, राणीअ अगि̱या बिहारियो। चे "आसीस ड̱ीन, हाणे तुंहिंजा ई पुट नुंहं आहिनि। सिविल मैरिज कराए आयो आहियां।" राणीअ पंज ई आङि̱रियूं खणी नसीब ते रखियूं। रतना ससु (चाचीअ) खे पेरे पवण लाइ हेठि वेठी त वेठी ई रही। ओछंगार संदसि हिरदो ड̱ारे ब̱ाहिरि निकती। राणीअ जा पेर आला थी विया। ईश्वर जूं अखियूं बि ज़मीन में हुयूं।

उथु बाबिली, शल सदा सुहागि̱णि रहीं।" चवंदे राणीअ जे गि̱लनि तां गो̱ढ़ा लही आया। ब̱ार वाइड़ा थी हीउ सभु डि̱सी रहिया हुआ।।

गंगाराम ऐं लाजवंतीअ जड̱हिं ईश्वर ऐं रतना खे सोभराज सां गड̱ु ईंदो डि̱ठो, तड̱हिं संदनि अखियुनि खे किथे बि जाइ न मिली सघी। शिशिदरि थी नेठि ज़मीन ते खुपी वेयूं।

सोभराज चयो "भाभी, हिननि बि̱न्ही खे आसीस डे̱। तव्हांजी रतना समुझो त मरी वेई हीअ छोकिरी मूं रेल जे पटनि तां लधी।"

"हहिड़ी औलाद खां त सुञ भली," चवंदो गंगारामु त उथी मुंहुं फेरे हलियो वियो।

झ़रि झ़रि लाटुनि खे मुंहिं तां उघी लाजवंतीअ चयो, "डे̱रमि, तव्हांजा त अहिसान मञूं, पर असां लाइ हाणे हिते रहण कोन थींदो।"

सोभराज वटि हिनखे ड̱ढु डि̱यणु लाइ के अखर ई कोन हुआ। खेसि पंहिंजो मनु बि टुटंदो महिसूसु थियो....

सुबुह सुबुह रतना ऐं ईश्वर पंहिंजी दरीअ जे ब̱ाहिरां बु̱धो, ब̱ार चई रहिया हुआ, "अला! हीअ शादी त कहिड़ी थी आहे! ईएं पियो लगे̱ ज̱णु कोई मरी वियो आहे!!"

– भूरी : काहाणियुन जे किताब मां

रतना पुछियो, "अक्सर प्रेमी जोड़ा, हरि पिक्चर में बाग़ में डुकूं पाईंदा छो था नज़र अचनि?"

ईश्वर चयो, "इहो त पाण इन तरह करे डिसिजे, तडहिं मालूमु थिए।

रतना जा गिल गाढ़ा थी विया। सोचियाईं, ईश्वरु त सौटु आहे, भाउ समान, हिन सां घुमण फिरण में छा आहे ? ऐं बिऐ भेरे चौमासे में जडहिं कमला नहरू पार्क में ईश्वरु, रतना खे हेठि छडे पाण बूट हाउसु में हलियो वियो, तडहिं रतना महिसूस कयो, ईश्वर खां सवाइ बसि सजो पार्कु जणु सुञो हो। वेतरि जो शरारती छोकिरो अची रतना जे वेझो बीठो त हिनजी दिलि दहिकण लगी। हूअ तकिड़ी तकिड़ी बूट हाउस में हली वेई ऐं "ईश्वर ईश्वर" पुकारणु लगी। मथे पहुती त ईश्वर बि बिन्ही बांहुनि सां संदसि आजियां कई। रतना संदसि हथु वठी पंहिंजी छातीअ ते रखियो। "डिसु कीअं पेई मुंहिंजी दिलि दकि दकि करे। छो हेठि छडे आएं?" डाकणि ते कंहिंजे चढ़ण जी आहट पाए, बई जुदा थी विया ऐं हथु हथ में डेई हेठि लही आया।

बरिसात खे बंदि थिए तमामु थोरो वक्तु थियो हो, इनकरे पार्क में गप लगी पेई हुई। रतना महिसूस कयो, संदसि चपनि में गर्मु खुनु डोड़ी रहियो हो ऐं बदन में काई अजब हलिचलि हुई। चयाईं, "अजु मूंखे डुकण ते दिलि थी थिए।"

"डुकु त सहीं! बरसाति हणी सत्या ई नासि करे छडी आहे।"

"पर बरसात जे करे ई त बागु माण्हुनि खां ख़ाली आहे," चवंदे कंहिं ग़ल्तीअ जे अहिसास खां रतना चप खे खणी चकु पातो... लेकिनि ईश्वर अगियां वधी संदसि हथु पकिड़े चयो, "वेचारनि चपनि खे वधीक लालु त न करि!"

हिक खिन लाइ बिन्ही महिसूसु कयो, हू तिरकी रहिया हुआ, मगरि

तिरकणि जंहिं ते पेरु रखियो हुआऊं, तंहिं तां बचणु हाणि महाल हो...

लाजवंतीअ घर में जॾहिं ईश्वर ऐं रतना जे विच में गहिरी पंहिंजाई ॾिठी, चालाक सहे वांगुरु संदसि कन खड़ा थी काई टोह वठण लॻा। कमंदु खसींदे ईश्वर रतना खे ॿांहं में चकु पाए कढियो या रतना खांउसि फोटा खसींदे ॿ टे धक वहाए कढियसि त लाजवंती गरमु थी वेई। चे, "हाणे नंढिड़ा ॿार कोन आहियो।" पर केरु जो संदसि ॿुधे ? बसि ऊंधे घड़े ते पाणी। हिक राति त हूअ गंगाराम सां बि अटिकी पेई। चे, "धीउ वञे थी छिति जेॾी थींदी पर अथव का उनजी ओन?"

गंगारामु बि ख़फ़े हो। चयाईं "इहे कम ज़ालुनि जा, ओन वरी मां करियां?"

"ज़ालुनि खे ॾाढी हड़ छोड़े कान ॾिनी अथव ? छोरीअ लाइ ॾे बे सेब ॼणु ॿिए कंहिं हंधां खणी अचिणा अथमि!"

"हा, तूं त बसि खुटी विल्ही आहीं, ईएं न ? या ग़रीब शादियूं ई कोन था कनि?"

वधीक बहसु फ़िज़ूल समुझी, मुंहुं ॿिए पासे करे छॾियाऊं।

आख़िरि हिकु ॾींहुं अहिड़ो अची पहुतो जो ओचितो ई ओचितो ॿई भाउर हिक ॿिए खे अखियूं शीकण लॻा। लाजवंती ऐं राणीअ हिक ॿिए सां भाॼीअ जी वाट त कटे छॾी, पर ॻाल्हाइणु बि बंदि करे छॾियाऊं।

ईश्वरु ऐं रतना लंघंदा हुआ त अखियूं झुकाए, ॼणु हिक ॿिए ॾे ॾिसणु गुनाह हो। नंढा ॿार संदनि नकुल कंदा हुआ। खेनि लंघंदो ॾिसी हिक ॿिए ॾांहुं चीच वधाए गुझो ई गुझो खिलंदा हुआ। रतना भेनरुनि खे अंदरि वठी वञी मारींदी हुई। ईश्वरु पंहिंजनि भाउरनि खे सटिकारा कढंदो हो।

हाणे ॿारनि जे विढ़ण तां ॾेराणियूं, हिक ॿिए लाइ गारि गंदु कंदे बि देरि न कंदियूं हुयूं। पाड़े वारियूं खेनि ज़री ज़री ॻाल्हि ते विॼ थींदो ॾिसंदियूं हुयूं त ॾाढो अजबु खाईंदियूं हुयूं।

लाजवंतीअ खिली खिली ड॒रे खे चयो, ''ड॒रमि, तुंहिंजो हीउ ईश्वरु किको त बाबा जिनि ते वियो आहे।'' सोभराज बि लाजवंतीअ जी फिर फिर कंदड़ किकीअ खे हंज में खणी चयो, ''ऐं हीअ तुंहिंजी पिड॒ रतना ड॒िसु न, जहिड़ी अमा।'' संदसि पत्नीअ राणीअ बि सुरु वठाईंदे चयो, ''अई हा भाभी! हीअ त साग॒ी अमी मोटी आई आहे।''. लाजवंती बि चपनि ते ड॒ाढो फ़खुर जो वकड़ु आणे चयो, ''हाओ, छोरीअ जा घारूअ घड़िया रोश बि साग॒िया अमीअ जहिड़ा त चमिड़ी बि साग॒ी खीर जहिड़ी।'' गंगारामु धीउ खे ईएं ड॒िसण लग॒ो, ज॒णु को पहिरियों भेरो ड॒िसंदो हुजे।

वक़्तु गुज़िरंदे वेरमि ई न थी। ईश्वरु ऐ रतना त जल्दी क़दु खणी वरितो। दुकान ते, ईश्वर जी, पंहिंजे चाचे गंगाराम सां, पीउ खां बि वधीक बणति हुई, त हेड॒ांहु घर में रतना पंहिंजी चाचीअ खे वधीक इज़त ड॒ींदी हुई। चाची वियम में हुई त रतना रंधिणो पिए संभालियो। ईश्वरु अची चांउठि ते वेही रतना खां कोसो फुल्को बि पियो वठंदो हो त दुनिया भर जूं ग॒ाल्हियूं बि पियो बुधाईंदो होसि। फिल्मुनि जूं ग॒ाल्हियूं त खुटण जूं ई न हुयूं। रतना त कैम्प में ई पीउ सां या चाचीअ सां फिल्म ड॒िसी ईंदी हुई पर ईश्वर बम्बईअ जा वड॒ा वड॒ा थिएटर ड॒िठा हुआ। हिक भेरे रतना चयुसि ''कड॒हिं ईएं बि चयो अथेई त हलु तोखे अप्सरा ड॒ेखारे अचां!''

ईश्वर कन पकिड़े गोशाइतो चयो, ''तोखे बाबा केरु वठी हले। साइरा बानूअ जेड॒ी डिघी त थी वेई आहीं। दादा बु॒धे त दब॒ कढे।''

''ऐं तूं बि त दिलीप कुमारु पियो लग॒ीं। दादा ज॒णु तोखे कुझु चवंदो आहे ? चउ त खीसो ख़ाली अथेई।''

''हे, चुपु करि चुपु! पंहिंजो त हाणे बैंक में अकाउंट बि खुली वियो आहे।''

''मां थी वञी बाबा सां विढ़ां।''

''बुधु बुधु। हिकिड़ो शर्तु । घर में कंहिंखे सुध न पवे त पोइ वठी

हलांइ।”

घर में फुरसत सा कंहिंखे रही हुई ख़बर लहण जी। ईश्वर दोस्तनि सां पिकनिक जो बहानो ऐं रतना, साहेड़ियुनि सां पिक्चर ॾिसण जो सांगु रचियो। लाजवंतीअ, आना कानी कई त धीअ खाधो न खाइण जी धमिकी ॾिनी। लाजवंतीअ बाहि छंडी, “छोरियूं के थियूं आहियो ? अथव को धर्मु कर्मु, को पनो पोथी, का शेवा पूॼा! बसि जीओ थियूं रुॻो खाइण पीअण ऐं रुलण पिनण लाइ!”

“सॼो ॾींहुं त तव्हांजे ॿारनि जी शेवा थी कजे। पढ़णु बि इनकरे छॾे अची वेठसि। अञा छा करियां?” चवंदे चवंदे रतना जा लुड़क लड़ी आया।

“चङो वञिजांइ वञिजांइ, वात-वकील!”

रतना ॾाढो तकड़ि तकड़ि में सभु कमु पूरो करे वरतो।

लाजवंतीअ वञण महिल चयुसि, “छोरी, की झुकी” त हलु, सीनो ताणे थी निकरीं, ॼणु जंगि ते थी हलीं।

रतना खिलंदे खिलंदे भॼी वेई।

राति ढरी त लाजवंतीअ अची ॾेराणीअ सां अंदरु ओरियो। चे “अॼु कल्ह ॿारनि खे खपे रुॻो चटो, लटो ऐं सैर सपाटो, पोइ माइटनि जो भलि लुकीअ में साहु वञी अटिके।”

राणीअ चयो, “पुॼी बि न थो सघिजे। “न” चउ त मुअनि जो बूथु ॿरियो वञे...”

रतना जी ॾाठ हिरी त हिक न ॿिए आरितवार ते ईश्वर सां प्रोग्रामु पियो ठहंदो हो। बम्बईअ जो शहरु अथाहु। अुते को पंहिंजो गॾिजे कोन जो माइटनि खे का कांगी पहुचाए। बसि ॿिन्ही खे छेक नोड़ी मिली वेई।

हिक ॾींहुं रतना ऐं ईश्वर बसि में वेठा हुआ। सैनेमा तां मोटिया हुआ।

गज़ल/मुस्कान बच्चानी



तुंहिंजे टहिकनि ते गुल टिड़नि था,
सूंहं ड्रिसी भंवर अची मिड़नि था।

ककरनि सां चंडु लिक छिप थो करे,
रांद ड्रिसी तारा बि छिड़नि था।

थींदी आ मुलाकात ख़्वाबनि में,
कश्मकश में ख़्वाब थिड़नि था।

दाइरो सोच जो, जिअं वधंदो वियो,
गज़ल में अखर बि हाणि रिढ़िनि था।

नेठि दर्द जो अहिसासु थियो थसि,
पर रत जा रिश्ता ई विढ़िनि था।

Ramavelly, Nr. High Court,
RAIPUR- Road (Bodri)
Gali No.7, House. No. 025
BILASPUR-495001. (C,G)
Mob:- 7974870432

गज़ल/किरन परियाणी 'अनमोल'



मंज़हबु मुंहिंजी मुहिबत आहे,
सुठंनि सां सुठी सुहिबत आहे।

छा हिति मंदिरु छा हुति मसजिदि,
करिणी सभ खे इबादत आहे।

नफ़िरत जो नाउं कमु न ईंदुइ,
रसितो सही त राहत आहे।

दीन धर्म में वीछो न रहे,
मुंहिंजी बि सची चाहत आहे।

हिंन्दू मुस्लम आउं न ज॒ाणां,
इंसान हुजणु नैमत आहे।

'अनमोल' गुलनु खे न मुरिझायो,
हरि गुल रब जी रहमत आहे।

92, Katuju Coloney,
Indore - (M.P)
Mob:- 9009243897

कहाणी/सुंदरी उतमचंदाणी



जणु कोई मरी वियो आहे

सिंधु मां लडणु बैदि गंगाराम ऐं सोभराज जडहिं ज़ालुनि खे कुटुंब में अची रहायो, तडहिं डेराणियूं, हर कंहिं ग़ाल्हि खे गडिजी मोरचो ठाहे खड़ियूं थी थे वेयं। चे, ''असीं न रहंदियूंसीं हिते। हेडा हेडा कूआ, जिनिखां बिलियूं बि पयूं कन हणनि। नलनि जो आज़ार! काकूस किना। हिन नर्ग में कीअं रही सघिबो ?'' भाउर बई बि साम्हूं सिफ़ ठाहे बीहंदा हुआ। चे, ''हींअर धंधो धारी करियूं, करियूं कीन तव्हांजे लाइ सिंध वारी साहिबी ''वठी अचूं...''

सिंधु में जुदा रहंदड़ डेराणियूं हिते नएं सिरि जो हिक बिए जे भर में अची रहियूं त जहिड़ियूं साहेड़ियूं। भाजी रधीनि त हिक बिए खे ज़रूरु डियनि, पापड़ कनि त बि सडीअ सडु, पाणी भरीनि त हिक बिए लाइ नंबर ते मोरियो रखी छडीनि। ख़रीदारी करण निकिरनि त बि गडु हुजनि ई हुजनि।

सभ खां वडो सुखु डेराणियुनि, हिक बिए खे वियम सियम ते डिनो। मिट माइट त वेझो हुअनि कीन, इनकरे हिक बिए जूं अदियूं बि हुयूं त अमियूं बि हुयूं। बार बि सालि बि सालि हिन न त हुन घर ते पंहिंजो वारो वठियो ई वेठा हुआ। हुआ बि तमण तता। अजु हिन रांदीको फुरियो, हुन पथरु हंयो, पर डेराणियूं पोइ बि कीन विढ़ियूं।

गज़ल/विनोद आसूदाणी



(1)

ईदे वेंदे मिलिबो उस में,
जीवन सारो कटिबो उस में.

तूफान खणी विया छिति घर जी,
बेपरवाह थी रहिबो उस में।

चांडोकीअ जा किस्सा नाहिनि,
अफसानो को लिखिबो उस में।

वाटुनि ते वण, गा॒ल्हि पुरांणी,
मंजिलि ताईं हलिबो उस में।

पघरु वहे या प्यास लगे॒ त बि,
हथु तुंहिंजो कींअ छडि॒बो उस में।

चांडोकिनि रातियुनि ख़ूब ठगि॒यो,
हरि सुपने खां बचिबो उस में।.

(2)

केतिरा कैद इतिहास कमिरे अंदरि,
रुह के,के हडा॒, मास कमरे अंदर।

ख़्वाब सुहिणां,तमन्ना जियां थी जिते,
धूप सुरिहांण ऐं वास कमरे अंदरि।

छा करियां समुंड मां, छा करियां मां नदियूं,
साथु तुंहिंजो बुझे प्यास कमिरे अंदरि।

चंडु, सूरज, सितारा डि॒सां सभु हिते,
थो छुहां खोड़ आकास कमरे अंदरि।

वरिहय गुजिरिया मगरि कोन आए पिरीं,
कींअ कटियां सोचु बनवास कमरे अंदरि।

कोन कहिं ग्रंथ मूं ते असरु आ कयो,
चप चुरिया हुन जा अरदास कमरे अंदरि।

चंडु निकरे अङण में डि॒या अर्गु॒ मां,
मूं रखिया डा॒ढा उपवास कमरे अंदरि।

बेडपा था घुमनि गो॒ठ में, शहर में,
शल थियनि कैदि राकास कमरे अंदरि।

डा॒रुं डा॒रुं घिटियूं छीहूं छीहूं छितियूं
कत्ल थिया रेजु विश्वास कमरे अंदरि।

सिंधु, सिंधी, अदबु, शाहु, सामी, सचलु,
था कयूं डा॒ढी बकवास कमरे अंदरि।.

45-D, Hemu Kalani Squre
JARIPATKA Nagar
NAGPUR-40014

साहित ऐं कला जी

रचना (176) (Oct - Dec. 2022)

Sahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India Registration No. GUJSIN / 2006 / 16540